روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 26 مارچ 2023ع بمطابق 04 رمضان المبارڪ 1444هه (قيمت 10 روپيا) شمارو 302

جسٽس اعجاز ۽ جسٽس منيب پي ٽي آءِ جا ڪٽر حامي آهن، نواز شريف ايندو ته حالتون ٺيڪ ٿينديون: جنرل (ر) باجوا

ڪجهه ججن جون بيگمات ۽ اولاد به پي ٽي آءِ جا حامي آهن، جيڪي عدالتي فيصلن تي اثرانداز ٿي رهيا آهن. 63 اي بابت فيصلو غلط هو جنهن جو اعتراف جج به ڪري رهيا آهن ۽ فيصلو واپس وٺڻ جو ڏڳ ڳولهي رهيا آهن

چيف جسٽس عمر عطا بنديال ڪمزور آهي دٻاءُ برداشت نه ڪري سگهندو آهي، جسٽس اعجاز الحسن ۽ جسٽس منيب مٿس دٻاءُ وجهي فيصلا ڪرائيندا آهن

جڏهن بي اعتمادي رٽ ڪامياب ٿي ۽ شهباز شريف وزيراعظم ٿيو ته ڪيس مبارڪ ڏني ۽ پڇيو ته ڇا پروگرام آهي جواب ۾ چيائين ته بس ٻه ٽي قانون منظور ڪري چونڊون ڪائينداسين

9 مئي 2022ع تي ملڪ احمد ۽ شهباز شريف آيا ۽ چيائون ته چونڊن لاءِ سوچي رهيا آهيون، ان بعد شهباز شريف لنڊن هليو ويو ۽ 19 مئي تي وري ملڪ احمد ۽ شهباز شريف آيا ۽ ٻڌايائون ته 20 مئي تي شهباز شريف استعيفا ڏيندو

عمران خان وڏو منافق آهي، جڏهن جنرل (ر) فيض ۽ صدر جي چوڻ تي عمران سان ملاقات ٿي ته ڪيس چيو ته اوهان ته مون کي مير جعفر ۽ مير صادق ٿا چئو جواب ۾ چيائين ته مان ته شهباز شريف ۽ نواز شريف لاءِ چوندو آهيان

ٻي ملاقات ۾ عمران خان کي ڪاوڙ ۾ چيو ته اوهان پلي بواءِ رهيا آهيو؟ الزام هٽڻ بند ڪيو، اوهان جون وڊيو آهن، پوءِ منهن ڏيکارڻ جي لائق نه رهندا ۽ پوءِ معيار نه ڏجو، ملاقات تلخيءَ تي ختم ٿي وئي

اسلام آباد (م ر) سپريم ڪورٽ جو جسٽس منيب ۽ جسٽس اعجاز الحسن ڪٽر پي ٽي آءِ حامي آهن، ڪجهه ججن جون بيگمات ۽ اولاد به پي ٽي آءِ جا حامي آهن، جيڪي عدالتي فيصلن تي اثر انداز ٿي رهيا آهن. 63 اي بابت فيصلو غلط هو جنهن جو اعتراف جج به ڪري رهيا آهن ۽ فيصلو واپس وٺڻ جو ڏڳ ڳولهي رهيا آهن. اهي ڳالهيون اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوه نامياري صحافي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: اڳوڻو آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوه صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

نااهلي بعد راهول گانڌي جا
مودي ۽ ٻين بابت
ڇرڪائيندڙ انڪشاف

نئين دهلي (م ر) ڀارتي سياسي جماعت ڪانگريس اڳواڻ راهول گانڌي چيو آهي ته مودي مون کان ڊڄل آهي انڪري ڪيس نااهل ڪيو ويو آهي لوڪ سڀا(ننڍو ايوان) طرفان نااهل قرار ڏيڻ جي پٺيءَ ڏينهن پريس ڪانفرنس ڪئي جنهن دوران هن پارٽي وزيراعظم نريندر مودي کي ڇتي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

صدر عارف علوي پي ٽي آئي جي غيرقانوني ۽ غيرآئيني ڪمن دوران خاموش ڇو رهيو: شرجيل ميمڻ

پاڪستان جي سالميت سان کيڏيو پيو وڃي، هن ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش ۾ جيڪي ماڻهو استعمال ڪيا ٿي رهيا آهن، اهي پاڪستاني آهن

مرحوم ڊاڪٽر اسرار احمد ۽ مرحوم عبدالستار ايڌي پاڪستان جون غير جانبدار شخصيتون رهيون آهن جن عمران خان جي وزيراعظم بڻجڻ کان گهڻو اڳ ئي عمران خان جي اصليت پڌري ڪري ڇڏي هئي

ساهيوال سانحي ۾ 6 جوابدارن کي ثبوت نه هئڻ سبب بري ڪيو ويو، بيگناهه ماڻهن کي قتل ڪيو ويو، پنجاب سي ڊي اهلڪارن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو ويو

اعليٰ سطحي ڪميشن جوڙي وڃي ته ملڪ خلاف عمران خان جي مشن ۾ ڪير ڪير ساڻس گڏ آهي ۽ انهن جي غيرقانوني ۽ غيرآئيني ڪمن کي جاچ ڪميشن تحت ڏنو وڃي

عمران خان ڪنهن شخص يا ڪنهن سياسي پارٽي خلاف نه پر ملڪ خلاف خطرناڪ سازشون ڪري رهيو آهي، اسان کي هن ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ متحد ٿيڻو پوندو

رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪابينا اهم فيصلا ڪيا هئا، جنهن تحت صوبي جي مختلف شهرن ۾ 135 سستون بازارون لڳايون ويون آهن: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان جي سالميت سان کيڏيو پيو وڃي، هن ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش ۾ جيڪي ماڻهو استعمال ڪيا ٿي رهيا آهن اهي پاڪستاني آهن. هن ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته مرحوم ڊاڪٽر اسرار احمد ۽ مرحوم عبدالستار ايڌي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: سنڌسماءُ وارو صوبائي وزير شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پاڪستان سان واپاري لاڳاپا مضبوط بڻائڻ لاءِ تيار آهيون: روس

اسلام آباد ماسڪو جو اهم پرڏيهي پاليسي پارٽنر آهي

افغان ريگوليشن ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ نتيجو ڏيندڙ تعاون جاري آهي

ماسڪو(م ر) روس پاڪستان کي اهم پرڏيهي پاليسي پارٽنر قرار ڏيندي چيو آهي ته اسان واپار ۽ اقتصادي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ تيار آهيون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پاڪستاني عوام جي سياسي نسل ڪشي روڪڻ ۾ ڪردار ادا ڪريو، پي ٽي آءِ عالمي تنظيمن ڏانهن خط لکي ڇڏيا

تحريڪ انصاف پاران پارليامينٽ ميمبرن، اڳواڻن ۽ سياسي ڪارڪنن تي تشدد جي معاملي کي عالمي سطح تي اٿارڻ جو فيصلو ڪيو

اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد قيصر سڄي دنيا جي پارلياماني ۽ انساني حقن جي تنظيمن ڏانهن خط اماڻي ڇڏيا

پارليامينٽ ميمبرن ۽ ڪارڪنن تي حڪومت طرفان تشدد جو نوٽيس وٺڻ ۽ حڪومتي قدمن خلاف ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف عمران خان تي حملي، پارليامينٽ ميمبرن ۽ ڪارڪنن تي تشدد خلاف يورپي يونين، آمريڪي ايوان نمائندگان، برٽش هائوس آف لارڊز ۽ انساني حقن جي عالمي تنظيمن ڏانهن خط لکي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سائفر جو بهانو بنائي آمريڪا تي الزام لڳائيندڙ عمران خان هاڻ انهن کان مدد گهري رهيو آهي: خواجه آصف

عمران خان جا ڪجهه پوئلڳ آهن، پوليس عمران خان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ وئي ته انهن مٿان حملو ڪيو ويو، عمران خان جٿن کي وٺي عدالت پهچندو آهي

خواجه آصف زلمي خليل زاد کي پيغام ڏيندي چيو آهي ته 2 لک افغاني آمريڪا وڃڻ لاءِ پاڪستان آيا، هو اڃان تائين اتي ئي آهن

اسلام آباد (م ر) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته سائفر جو بهانو بنائي آمريڪا تي الزام لڳائيندڙ عمران خان هاڻ ان کان ئي مدد گهري رهيو آهي، پرڏيهي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهيون ڪندي خواجه آصف چيو ته عمران خان پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي

پاڪستان خلاف ڪم ڪندڙ ايجنٽ کي مينار پاڪستان تي جلسي جي اجازت نه ملڻ گهرجي: رانا ثناءالله

عمران خان طرفان آمريڪا کان نئو ڊجان کان وٺي منهنجي حياتي کي خطرو آهي جو ڪوڙ ڳالهايو ويو

عمران خان آئين، قانون ۽ سچائي کان حقيقي آزادي چاهي ٿو، عمران نيازي توشه خانه، پرڏيهي فنڊنگ، ٽيريان نيازي ڪيسز کان حقيقي آزادي چاهي ٿو

عمران خان هر اداري ۽ ان جي سربراهه کي پنهنجو غلام بنائڻ جي حقيقي آزادي چاهي ٿو، سندس حقيقي آزادي جا منظر ڊي چوڪ تي سموري قوم ڏسي چڪي آهي

لاهور(م ر) وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي ته پاڪستان خلاف ڪم ڪندڙ ايجنٽ کي مينار پاڪستان تي جلسي جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي، پاڪستان تحريڪ انصاف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

منظور وسان ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ سميت وڏيون اڳڪٿيون ڪري ڇڏيون

عمران خان کي وزيراعظم بڻجندي يا اقتدار ۾ ايندي نه پيو ڏسان: منظور وسان

پيپلز پارٽي چاهي ٿي ته چونڊون ٿين پر حالتون ٻڌائي رهيون آهن ته چونڊون وقت تي نه ٿينديون

جيڪڏهن ملڪ ۾ دهشتگردي ٿيندي ۽ فنڊز جاري نه ٿيا ته چونڊون منعقد ڪرڻ مشڪل ٿي وينديون

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ زراعت بابت صلاحڪار منظور وسان اڳڪٿي ڪئي آهي ته هن سال ملڪ ۾ وڏا فيصلا ٿيڻ وارا آهن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

زراعت بابت صلاحڪار منظور وسان

ايل پي جي، جي اگهه ۾ هوش اڏائيندڙ واڌ، شهرين جا ٻئي هٿ مٿي تي

اڍائي ڪلو سلينڊر ڇهه سئو رپيا ۽ پنج ڪلو سلينڊر 1200 رپيا مهانگو ڪيو ويو

مهانگائي سبب پريشان شهرين جي ڏکائين ۾ وڌيڪ واڌ اچي وئي

ڪوئيٽا (م ر) ڪوئيٽا ۾ ايل پي جي اگهن ۾ هوش اڏائيندڙ واڌ ڪئي وئي آهي، اڍائي ڪلو سلينڊر جي قيمت ۾ ڇهه سئو رپيا جڏهن ته پنج ڪلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

دهشتگردي جي انت واري عدالت عمران خان جي 3 ڪيسن مان عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي

اڳوڻو وزيراعظم عمران خان 3 ڪيسن ۾ ضمانت جي لاءِ دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ پهتو

عدالت ٽنهي ڪيسن ۾ عبوري ضمانت منظور ڪندي پوليس کي گرفتار ڪرڻ کان روڪي

دهشتگردي جي انت واري عدالت عمران خان جي ٽنهي ڪيسن ۾ 4 اپريل تائين عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي

لاهور (م ر) دهشتگردي جي انت واري عدالت 3 ڪيسن ۾ عمران خان جي عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي. اڳوڻو وزيراعظم عمران خان 3 ڪيسن ۾ ضمانت جي لاءِ دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ پهتو عمران خان خلاف ريس ڪورس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

مينار پاڪستان جلسي کان اڳ
پوليس جو ڪريڪ ڊائون، پي ٽي
آءِ اڳواڻ سلمان احمد گرفتار

اسلام آباد (م ر) مينار پاڪستان تي جلسي کان اڳ ڪريڪ ڊائون دوران پي ٽي آءِ اڳواڻ سلمان احمد کي پوليس گرفتار ڪري ورتو پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڄ لاهور ۾ ٿيندڙ جلسي کان اڳ ڪارڪنن جي گرفتاري لاءِ ڪريڪ ڊائون جاري آهي، پوليس پي ٽي آءِ اڳواڻ سلمان احمد کي گرفتار ڪري ورتو راولپنڊي ۾ به پي ٽي آءِ ڪارڪنن، مرڪزي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ پيشي دوران بيٺل آهي

شرجيل انعام ميمڻ انفارميشن ڪال سينٽر قائم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

سنڌ حڪومت جي سمورن کاتن کي انفارميشن ڪال سينٽر سان ڳنڍيو ويندو: شرجيل ميمڻ

فيڪ نيوز ۽ حڪومت خلاف جعلي پروپيگنڊا جو مؤثر نموني جواب ڏئي سگهجي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات کاتي واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ انفارميشن ڪال سينٽر قائم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، هن اهڙو اعلان اطلاعات کاتي جي ڪارڪردگي جي جائزي وٺڻ لاءِ ڪوٺايل گڏجاڻي جي صدارت ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پنجاب ۾ 29 مارچ کان في خاندان کي هڪ ئي وقت 20 ڪلو اٽو ڏيڻ جي منظوري

پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ ڪابينه جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ مفت اٽي جي فراهمي ۽ مفت اٽي جي رجسٽريشن جو عمل آسان بنائڻ بابت مختلف تجويزن جو جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ نگران صوبائي وزيرن ۽ ٻين اختيارين تي ٻڌل ڪميٽي قائم ڪئي وئي جيڪا رجسٽريشن تي سفارشون پيش ڪندي

لاهور (م ر) پنجاب جي نگران ڪابينه صوبي ۾ 29 مارچ کان في خاندان کي هڪ ئي وقت 20 ڪلو مفت اٽو ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، پنجاب جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ماڻهو پنهنجي مالي حيثيت موجب فطرو ۽ فديو ادا ڪن: مفتي منيب الرحمان

گهٽ کان گهٽ فطري جي مقدار ٻه ڪلو ڇڪي واري اٽي جي برابر هوندي

کارڪ تي صدقه فطر چار ڪلو هوندو ۽ هڪ روزي جو فطرو 2800 رپيا هوندو

اسلام آباد (م ر) تاليواري عالم ۽ چنڊ ڏسڻي ڪميٽي جي اڳوڻي چيئرمين مفتي منيب الرحمان فطري جي مقدار ٻڌائيندي چيو آهي ته ماڻهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ ۽ بلوچستان جا 45 لک ٻوڏ
متاثر ٻدرن، حڪومت بحالي لاءِ
قدم کڻي: سماجي تنظيم

ڪراچي(رپورٽر) انٽرنيشنل ريسڪيو ڪميٽي (آءِ آر سي) سخت انساني بحران جو انتبا ڏنو آهي جتي 45 لک ماڻهو ٻوڏ متاثر علائقن ۾ انتهائي ڏکين حالتن ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. IRC چيو ته اها جولاءِ 2022 کان وٺي 1.2 ملين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڀارتي فوج غلطي سبب راجستان ۾ ميزائل فائر ڪري ڇڏيو

واقعو پوڪران ۾ فوجي فيلڊ فائرنگ پريڪٽس دوران پيش آيو

واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو جڏهن ته جاچ جو حڪم ڏنو ويو

ممبئي (م ر) ڀارتي فوج اڻ تجربيڪاري جو هڪ ٻيو مثال قائم ڪندي راجستان رياست ۾ غلطي سبب ميزائل فائر ڪري ڇڏيو رپورٽس موجب اهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: ايڊيشنل چيف سيڪريٽري لوڪل گورنمنٽ سنڌ سيد نجم احمد شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برسات، ڇت ڪرڻ سبب 2 ٻارڙا فوت

پنجاب جي جاڙن شهرن سميت مختلف علائقن ۾ ڪڻڻ برسات جو سلسلو صبح تائين جاري رهيو

برسات سبب مختلف شهرن ۾ لوڊشيڊنگ جو سلسلو به جاري رهيو جنهن سبب شهري پريشان رهيا

اسلام آباد (م ر) پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه سميت ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ڪڻڻ سان تيز برسات جو سلسلو جاري آهي. تخت ڀائي واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪوئٽه جي عدالت حسان نيازي جي ضمانت منظور ڪري ورتي

پوليس سخت سيڪيورٽي ۾ حسان نيازي کي جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو

جوڊيشل مئجسٽريٽ حسان نيازي جي هڪ لک روپين جي ضمانتي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪري ورتي

ڪوئٽه: (م ر) ڪوئٽه جي عدالت عمران خان جي فوڪل پرسن حسان نيازي جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. 18 مارچ تي حسان خان نيازي خلاف ايئرپورٽ ٿاڻي ڪوئٽه ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو ڪيس ڪالهه هڪ ڏينهن جي راهداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: پوليس ڪريڪ ڊائون دوران پي ٽي آءِ اڳواڻ سلمان احمد گرفتار ڪري وٺي وڃي رهي آهي

گمبٽ: گمس اسپتال ۾ باهه لڳي وئي، مريضن ۾ ڀاڄ

سرپيڊ ريسپانس سينٽر گمس جي ٽين ماڙ تي اوچتو باهه لڳي وئي

ٽين ماڙ تي موجود مريضن کي ڏاڪڻين ذريعي هيٺ لاٿو ويو: انتظاميه

گمبٽ (رپورٽر) گمس اسپتال گمبٽ ۾ باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ مريضن ۾ ڀاڄ پئجي وئي، سرپيڊ ريسپانس سينٽر گمس جي ٽين ماڙ تي اوچتو باهه لڳي وئي. انتظاميا موجب ٽين ماڙ تي موجود مريضن کي ڏاڪڻين ذريعي هيٺ لاٿو ويو، گمس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

گمبٽ: گمس اسپتال ۾ لڳل باهه جو دونهون بلڊنگ مٿان نظر اچي رهيو آهي

اٽي جي مفت فراهمي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي: وزيراعظم

ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو رمضان المبارڪ جي ڀلاري مهيني ۾ مفت اٽو ورهايو پيو وڃي: شهباز شريف

عوام جي خدمت منهنجو مشن آهي، اٽي جي فراهمي کي پاڻ چيڪ ڪري رهيو آهيان

عوام جي دعائن سان ملڪ معاشي پريشانين مان نڪري اڳيان وڌندو، مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون

ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو رمضان ۾ عوام کي مفت اٽو ڏنو پيو وڃي، هر خاندان کي 10 ڪلو جا 3 ٿيلها ڏنا پيا وڃن

سرگودها(م ر) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته اٽي جي مفت ورهاست ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي، ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو رمضان المبارڪ جي ڀلاري مهيني ۾ مفت اٽو ورهايو پيو وڃي، وزيراعظم شهباز شريف سرگودها ۾ اٽي واري مرڪز جو اوچتو دورو ڪيو جتي هن اٽي جي مفت فراهمي جي انتظامن جو جائزو ورتو ۽ شهرين جون پريشانيون به ٻڌيون. ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سرگودها: وزيراعظم شهباز شريف اٽي فراهمي واري اسٽال جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

تحريڪ انصاف جو مينار پاڪستان
تي جلسو: قانون لاڳو ڪندڙ ادارن
ٿريٽ الرٽ جاري ڪري ڇڏيو

لاهور(م ر) تحريڪ انصاف جو مينار پاڪستان گرائونڊ ۾ جلسي کي نظر ۾ رکندي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ٿريٽ الرٽ جاري ڪري ڇڏيو جاري ڪيل الرٽ موجب پابندي مڙهيل تنظيم مينار پاڪستان جلسي کي نشانو بنائي سگهي ٿي، پاڪستان تحريڪ انصاف اڄ لاهور جي مينار پاڪستان گرائونڊ ۾ جلسو ڪري رهي آهي، قانون لاڳو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پي ٽي آءِ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي چونڊون ملتوي ڪرڻ جو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ چونڊ تاريخ جي تبديلي خلاف گڏيل آئيني درخواست عدالت سگهوري ۾ داخل ڪري ڇڏي

پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان ۽ ڪي پي ڪي اسيمبلي جي اسپيڪر مشتاق غني آئيني درخواست داخل ڪئي

تحريڪ انصاف جي سيڪريٽري اسد عمر، ميان محمودالرشيد ۽ عبدالرحمان به درخواستگذارن ۾ شامل

اسلام آباد (م ر) تحريڪ انصاف پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن ۽ ڪي پي ڪي گورنرز جي فيصلن خلاف سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. پي ٽي آءِ چونڊ تاريخ جي تبديلي خلاف گڏيل آئيني درخواست عدالت سگهوري ۾ داخل ڪري ڇڏي، پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان ۽ ڪي پي ڪي اسيمبلي جي اسپيڪر مشتاق غني آئيني درخواست داخل ڪئي، تحريڪ انصاف جي سيڪريٽري اسد عمر، ميان محمودالرشيد ۽ عبدالرحمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

90 ڏينهن ۾ نگران حڪومت پاڻمرادو ختم ٿي ويندي، ملڪ ۾ مهانگائي سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن: شيخ رشيد

موجوده صورتحال دوران سمورو بار عدليه تي وڌو ويو آهي، وزيراعظم توهين عدالت ڪيس ۾ گرفتار ٿي سگهي ٿو

پي ٽي آءِ ڪارڪنن کي گهرن مان گرفتار ڪيو پيو وڃي، مينار پاڪستان ڏانهن ويندڙ رستا بند ڪيا پيا وڃن

(ن) ليگ وارا چوندا هئا ته اسيمبليون ٽوڙي ڇڏينداسين، هاڻ چون ٿا ته آڪٽوبر جي به ضمانت ناهي

راولپنڊي (م ر) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد چيو آهي ته موجوده صورتحال دوران سمورو بار عدليه تي وڌو ويو آهي، وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

عوامي مسلم ليگ سربراهه شيخ رشيد

مفت اٽو وٺڻ جي ڪوشش ۾ هڪ ٻي قيمتي جان ضايع

نوتڪ ۾ مفت اٽو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پيرسن لاڏاڻو ڪري ويو

واقعي ڪانپوءِ ڊپٽي ڪمشنر واقعي جي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

پڪر (م ر) پڪر جي يونين ڪائونسل نوتڪ ۾ مفت اٽو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پيرسن لاڏاڻو ڪري ويو 66 ورهين جو الاهي بخش صبح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پاڪپتن ۾ ملڪيت جي تڪرار تان ٻن ڀائرن سميت 7 ڄڻا قتل

پاڪپتن ويجهو ملڪيت جي تڪرار تان پٽ ساٿين سان گڏجي ماءُ، ڀائرن ۽ ڀاڀي سميت 7 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو

جوابدار سحري وقت ڀاءُ جي گهر ۾ داخل ٿي فائرنگ ڪندي ماءُ، ڀاڀي ۽ ان جي ٽن 3 ٻارن کي قتل ڪيو

جوابدارن 2 ڀائرن کي ٻني ۾ فائرنگ ڪري قتل ڪيو، قتل ٿيندڙن ۾ ماءُ ڀاءُ شيرباز، افتخار، سندس گهرواري، 2 پٽ ۽ ڌيئرون شامل

پاڪپتن (م ر) پنجاب شهر جي پاڪپتن ۾ انتهائي ڏکوئيندڙ واقعو پيش آيو آهي جتي ملڪيت جي تڪرار هڪ ئي خاندان جي 7 ڄڻن کان حياتيون کسي ورتيون. مقتولن ۾ جوابدار جا 2 ڀاءُ ڀاڀي ۽ ٻار شامل آهن. پاڪپتن ويجهو ملڪيت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمن اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان تحريڪ انصاف جي مينار
پاڪستان جلسي جي موقعي تي جلسي
گاهه ڏانهن ويندڙ سمورا رستا بند ڪيا ويا

لاهور (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مينار پاڪستان جلسي جي موقعي تي جلسي گاهه ڏانهن ويندڙ سمورا رستا بند ڪيا ويا آهن، مينار پاڪستان گرائونڊ ڏانهن ويندڙ رستن کي ڪنٽينر لڳائي بند ڪيو ويو آهي، ڏهن ته شهر جي اچڻ ۽ وڃڻ وارن رستن تي به ڪنٽينر لڳايا ويا آهن، راوي پل ۽ ريلوي اسٽيشن کان مينار پاڪستان ويندڙ رستا بند آهن جڏهن ته شاهه عالم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ فوڊ اٿارٽي ٽيم جي اورنگي ٽائون ۾ ڪارروائي

غير معياري کاڌي پيتي جون شيون وڪرو ڪندڙن تي ڏنڊ هنيو ويو

رمضان المبارڪ دوران کاڌي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ هرگز برداشت نه ڪئي ويندي : بشير خان

ڪراچي (رپورٽر) خوراڪ کاتي واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر جي هدايتن تي سنڌ فوڊ اٿارٽي رمضان المبارڪ دوران کاڌي پيتي جي شين جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ انهن کي سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

قلم 144 ڀڃڪڙي ڪيس: راولپنڊي عدالت فياض الحسن چوهان جي ضمانت منظور ڪري ورتي

ايڊيشنل سيشن جج عرفان اڪرم فياض الحسن چوهان کي 50 هزار روپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي سندس ضمانت منظور ڪري ورتي

فياض الحسن چوهان سميت 200 جوابدارن خلاف راولپنڊي جي ٿاڻي نصير آباد ۾ قلم 144 جي ڀڃڪڙي جو ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدارن عمران خان جي جوڊيشل ڪمپليڪس اسلام آباد ۾ پيشي جي موقعي تي قانون هٿ ۾ کڻندي سرڪاري ڪم ۾ مداخلت به ڪئي هئي: ايف آءِ آر جو متن

راولپنڊي (م ر) عمران خان جي جوڊيشل ڪمپليڪس اسلام آباد پهچڻ تي قلم 144 جي ڀڃڪڙي واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، ٻڌڻي ڪان پوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پاڻي اٿليپ، پاڪستان
سڀ کان وڌيڪ غير
محفوظ ملڪ قرار

ڪراچي (م ر) گڏيل قومن جي ماتحت اداري جي رپورٽ ۾ پاڪستان کي پاڻي جي حوالي سان سڀ کان وڌيڪ غير محفوظ ملڪ قرار ڏنو ويو آهي، گڏيل قومن جي پاڻي، ماحوليات ۽ صحت واري اداري پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ حڪومت پاران رمضان المبارڪ ۾ وڌيڪ روٽس تي اليڪٽرڪ بس سروس هلائڻ جو فيصلو

يلو لائن پراجيڪٽ تي به جلد ڪم شروع ٿي ويندو : شرجيل ميمڻ

ڪراچي جي عوام مڪاني چونڊن ۾ پ پ پ کي وڏو مينڊيٽ ڏنو آهي

ڪراچي (م ر) سنڌ حڪومت رمضان المبارڪ مهيني ۾ وڌيڪ نون روٽس تي پيپلز اليڪٽرڪ بس سروس هلائڻ جو فيصلو ڪري ورتو صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پوليس جون ٻه ڌوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن: ڊي ايس پي ميرپور ساڪرو

ڌوهن ۾ ملوث ٽن اشتهاري ڌوهارين آفتاب سجڙو، شبير جمالي ۽ منظار ناريجو کي گرفتار ڪيو آهي

وٽائن ڪسيل 3 موبائيل فونون ۽ 80 هزار روپيه ڪيش رقم واري ڦر جو اعتراف ڪري ورتو آهي

جوابدارن ڪار چوري، ڌور چوري ۽ ٻين ڌوهن ۾ اسلحي ايڪٽ تحت الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

ٺٽو / گهارو (جاويد لطيف ميمڻ+ بشام جوکيو) ڊي ايس پي ميرپور ساڪرو نواز سرائي ايس ايس پي آفيس ٺٽو ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته گهارو پوليس ۽ ايس ايڇ او ڏاڀيجي مومن شيخ پاران ڳجهي اطلاع تي ڏاڀيجي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو: ڊي ايس پي ميرپور ساڪرو صحافين سان ڳالهائيندي

ٽالپروڊا پرسان صحافي جي مامي جي گهر ۽ لانڍي کي باهه

ٽالپروڊا (رپورٽر) ٽالپروڊا پرسان ڳوٺ ٻگودڙو ۾ شريسندن پاران بوزدار وڏا پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري خليل پنهيار جي مامي غلام عباس جي گهر ۽ مال جي لانڍي کي باهه ڏيئي ڇڏي ڳوٺاڻا باهه ڏسي پهچي ويامڙسي ڪري گهر ۾ موجود ماڻهن ۽ جانورن کي ريسڪيو ڪري ورتو باهه وسائيندي ٽي ڳوٺاڻا ٻ معمولي زخمي باهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽون ديرو شهر جي صفائي سترائي لاءِ ميونسپل ڪاميٽي کي سامان ڏيڻ واري تقريب

ٽيڪنالوجي واري مشينري، گاڏين ۽ فائر برگيڊ گاڏيون ٺٽون ديرو ميونسپل ڪاميٽي جي عملي حوالي ڪرڻ جي افتتاحي تقريب ٿي گذري

تقريب دوران شهر جي 7 وارڊن جي مختلف محلن ۾ گند ڪچري لاءِ گند پيٽيون ۽ وارڊ وائيز 7 ننڍيون گاڏيون به حوالي ڪيون ويون

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر جي ڪوشش سان ٺٽون ديرو شهر جي صفائي سترائي لاءِ ميونسپل ڪاميٽي ٺٽون ديرو کي فراهم ڪيل جديد ٽيڪنالوجي واري مشينري، گاڏين ۽ فائر برگيڊ گاڏيون ٺٽون ديرو ميونسپل ڪاميٽي جي عملي حوالي ڪرڻ جي افتتاحي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مورو ۾ پورهيت مزدور جي نياڻي فائزا اسڪالر شپ حاصل ڪري ورتي

آئون گورنمينٽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي اسڪول ۾ پڙهندي آهيان ۽ منهنجو پيءُ مزدو ٽيڪسي ڊرائيور آهي: فائزه

اسڪولن ۽ ٽيوشن جي فيس نه هئڻ سبب مونکي سائين استاد عنايت الله سومر اسڪول ۾ فري ۾ پڙهائيندو هو

استاد عنايت الله سومرو جا اسان تي احسان ۽ ٿورا آهن جن منهنجي ٻارڙن کي فري ۾ تعليم ڏني: پيءُ

مورو (رپورٽر) مورو پورهيت مزدور جي نياڻي فائزا اسڪالر شپ حاصل ڪري بختاور ڪيڊٽ ڪاليج گرلس شهيد بينظير آباد ۾ ائين ڪلاس ۾ داخلا لاءِ لکت ۽ انٽرويو ۾ امتحان پاس ڪري ورتو فائزا جي همت افزائي جي لاءِ ڊجيٽل پبلڪ اسڪول ۽ گورنمينٽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پرنسپال عنايت الله سومرو آجياڻو ڏئي تقريب رکي جتي فائزا ۽ ان جي والد کي گلن جا هار پارائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مورو ۾ پورهيت مزدور جي نياڻي فائزا اسڪالر شپ حاصل ڪري ورتي

نوابشاهه ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجوڪي چونڊن بابت اجلاس منعقد

نوابشاهه (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي هدايتن تي رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني دوران عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ لاءِ ضلع جي سمورن تعلقن ۾ رمضان بچت بازارون قائم ڪيون ويون آهن جتي حڪومت پاران مقرر ڪيل اگهن تي کاڌي پيتي جون شيون فراهم ڪيون پيون وڃن ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽي جي مشهور درگاهه عبدالله شاهه اصحابي تي اوقاف کاتي قبرن کي به بخش نه ڪيو

درگاهه جي مرمت بهاني درگاهه جي خليفي پنجو خان پنجواڻي جي 300 سال پراڻي قبر کي مسمار ڪري ڇڏيو

اهڙي ڪيل عمل خلاف پنجواڻي برادري سراپا احتجاج، سخت لفظن ۾ مذمت، احتجاج ڪرڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو

قبر کي ٺاهي اصلي حالت ۾ نه آندو ويو ته هن خلاف آئون ٺٽي کان ڪراچي تائين لانگ مارچ ڪندس: قمر پنجواڻي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد ميمڻ) ٺٽي جي مشهور درگاهه عبدالله شاهه اصحابي تي اوقاف کاتي قبرون کي به بخش نه ڪيو، درگاهه جي مرمت بهاني درگاهه جي خليفي پنجوخان پنجواڻي جي 300 سال پراڻي قبر کي مسمار ڪري ڇڏيو اوقاف کاتي جي اهڙي ڪيل عمل خلاف پنجواڻي برادري سراپا احتجاج، سخت لفظن ۾ مذمت، احتجاج ڪرڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو انهي موقعي تي پنجواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

رمضان المبارڪ پلارو ۽ برڪتن وارو مهينو آهي: ڊي سي ڪنڌڪوٽ

وڌيڪ منافو وٺندڙ خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي ويندي - رمضان آرڊيننس جو خيال ڪيو وڃي

سرڪار پاران جاري ڪيل سرڪاري اگهن مطابق کاڌ خوراڪ واريون شيون وڪرو ڪيون وڃن: منور منياڻي

ڊپٽي ڪمشنر علي منياڻي جو رمضان بچت بازار ۽ ڪنڌڪوٽ جي شهر جي دوڪانن جو اچانڪ دورو ڪيو

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) رمضان المبارڪ پلارو ۽ برڪتن وارو مهينو آهي وڌيڪ منافو وٺندڙ خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي ويندي رمضان آرڊيننس جو خيال ڪيو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ منور علي منياڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

رمضان بچت بازار
ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن

ڪنڌڪوٽ: ڊي سي ڪشمور بچت بازار جو دورو ڪندي

مٺي ۾ رمضان جي پلاري مهيني ۾ غريبن لاءِ مهانگائي جو عذاب بڻجي ويو

مٺي (ڊ ر) ڊي سي ٿرپارڪر واپارين سان گڏ ملي پڪڙ ڪري رمضان جي پلاري مهيني ۾ غريبن لاءِ مهنگائي جو عذاب بڻجي ويو آهي چار ڏينهن اڳ 100 جا 2 ڪلو گدرا ملندا هئا اهو DC جي لسٽ ۾ 150 ڪلو شايد هن مان اڌ 75 روپيه ڊي سي پاڻ ڪمشن طور رکي ٿو ڏنهن 50 روپيه ڪلو واري جو اگهه 150 في ڪلو مقرر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

پ پ ليڊيز ونگ اڳواڻ ڪملا ڀيل کي ڪورٽ سڳوري باعزت بري ڪري ڇڏيو

گذريل سال جون ۾ گينو ڀيل نالي داخل ڪرايل ڪيس ڪوڙو ثابت ٿيڻ تي ڪورٽ سڳوري ڪملا ڀيل ۽ پاڻن کي بري ڪيو

ڪجهه مهينا اڳ سياسي مخالفن منهنجي خلاف ڪيس داخل ڪيو جنهن ۾ عدالت مون کي باعزت بري ڪري ڇڏيو: ڪملا ڀيل

آئون پهنجي سياسي مخالفن کي ٻڌائيندي هلان ته پ پ قيادت سچي زندگي جيل ۾ گذاري آهي، اڳتي به عوام جي خدمت ڪندس

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) پ پ ليڊيز ونگ اڳواڻ ڪملا ڀيل کي مخالفن پاران داخل ڪرايل ڪوڙي ڪيس ۾ ڪورٽ سڳوري باعزت بري ڪري ڇڏيو گذريل سال جون ۾ گينو ڀيل نالي داخل ڪرايل ڪيس ڪوڙو ثابت ٿيڻ تي ڪورٽ سڳوري ڪملا ڀيل ۽ سندس پائڻن کي بري ڪندي ڪيس ختم ڪري ڇڏيو ڪملا ڀيل ڪوڙي ڪيس ختم ڪرڻ تي چيو آهي ته الله پاڪ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو غلام حيدر ۾ جسقم پاران قومپرست اڳواڻن جي گهرن تي چڙهائي ۽ گرفتارين خلاف مظاهرو

جسقم اڳواڻ نوراحمد باگراڻي، ڪامريڊ رمضان باگراڻي، ڪامريڊ پير بخش باگراڻي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

پوليس ونگارو بڻجي قومي ڪارڪنن مٿان دهشتگردي جا قلم لڳائي مقصد تان هٽائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهي آهي: مظاهرين

جيستائين پوليس ڪوڙا ڪيس ختم نه ڪندي تيستائين احتجاجي سلسلو جاري رکيو ويندو، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي: مطالبو

ٽنڊو غلام حيدر (نمائنده سنڌيار) ٽنڊو غلام حيدر مويا شهر ۾ جسقم تعلقه ٽنڊو غلام حيدر ۽ جسقم مويا طرفان جيئي سنڌ محاذ جي ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي جي گرفتاري ۽ قومپرست عوامي اتحاد جي اڳواڻ جاويد هاليپوٽو ۽ سنڌ نيشنل پارٽي جي ضلعي صدر دودو هاليپوٽو جي گهرن تي بنا جواز چڙهائي خلاف مويا شهر ۾ سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

برهون ۾ رمضان مهينو شروع ٿيندي ئي مهانگائي جو جن ٻاهر نڪري آيو

برهون (رپورٽر) رحمتن ڀريو مهينو رمضان شريف چوندا آهن ته رمضان شريف جو مهينو برڪتن ڀريو مهينو هوندو آهي انهي مين ڪو شڪ ناهي هن مهيني مين رب پاڪ شيطان لعين کي قيد ڪيو ڇڏي ۽ ترير جادرواز اڪرليو ڇڏي ۽ رحمتن ۽ برڪتن جا بيتحاشا دروازا کليو وڃن مگر بدقسمتي سان اسان جي ملڪ پاڪستان جو عجيب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو غلام حيدر: جسقم پاران قومپرست اڳواڻن جي گهرن تي چڙهائي ۽ گرفتارين خلاف مظاهرو ڪيو ويو

ڪراچي جي لاسي ڳوٺ ۾ سحري افطاري جي وقت گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جاري

رمضان شريف جو پلارو مهينو شروع ٿيندي ئي گئس جي هترادو اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ شروع ڪئي وئي آهي: رهواسي

سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن گهرن ۾ گئس نه هجڻ ڪري ان مهنگائي جي دور ۾ هڪ ويلي لاءِ پريشان آهيون

شهر جي مختلف علائقن ۾ جتي بااثر ماڻهو رهن ٿا انهن علائقن کي گئس جي فراهمي ڪئي پئي وڃي: سماجي اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) لاسي ڳوٺ ۾ رمضان شريف جي مقدس مهيني ۾ به سحري افطاري جي وقت گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ صارفين سخت پريشان، رمضان شريف جو پلارو مهينو شروع ٿيندي ئي گئس جي هترادو اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ شروع ڪئي وئي آهي علائقي واسين اعلي اختيارن کان گئس جي بندش خلاف نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي تفصيل موجب لاسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٽنڊو محمد خان پرسان پورهيت پاران سڳن ڀائرن خلاف احتجاج

منهنجا سڳا ڀائر ڳوٺ مان لڏائڻ لاءِ جاني دشمن بڻجي ويا آهن: غلام مصطفيٰ جوڻيجو

منهنجا ٻچا خوف حراس ۾ بيمار ٿي ويا آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

ٽنڊومحمدخان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان جي ڳوٺ محمد طيب جوڻيجو جو رهواسي پورهيت غلام مصطفيٰ جوڻيجو پريس ڪلب ٽنڊومحمدخان پهچي احتجاج ڪندي ڏاتهيندي الزام هنيو آهي ته منهنجا ساڳ ڀاءُ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

انسانيت جي خدمت سڀني خدمتن کان اول ۽ افضل آهي: اعجاز ممنائي

سڄي سنڌ سان گڏ ضلعي نوشهروفيروز ۾ به وڏي تباهي ٿي ته اسان ميدان عمل ۾ رهيا آهيون

سڀ کان وڌيڪ تعاون مولانا يوسف حسيني ۽ سيد علي نقي ڪاظمي جن جو رهيو آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) انسانيت جي خدمت سڀني خدمتن کان اول ۽ افضل آهي ان عبادت کي سنجيدگيءَ سان اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي اهڙن خيالن جو اظهار سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي اصغريه آرگنائيزيشن جي تعاون سان ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: اصغريه آرگنائيزيشن پاران مختلف ڳوٺن ۾ ٽينٽيون لڳايون ويون آهن

دادو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ڪيترن ئي دڪاندارن کي ڏنڊ

يوٽيلٽي اسٽور ويئر هائوس گودام تي ڇاپو هڻي زونل مئنيجر ۽ انچارج کي گرفتار ڪري ورتو

جيڪڏهن هن وقت منافعو وٺندڙن کي روڪيو ويندو ۽ ڏنڊ وڌو ويندو: اي سي ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) رمضان المبارڪ جي هن بابرڪت مهيني ۾ دادو اندر وڌندڙ هترادو مهانگائي ۽ يوٽيلٽي اسٽورن تي اٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

غوثپور ۽ آسپاس جي مختلف ڳوٺن ۾ ته ارڙي جون شڪايتون وڌي ويون

جي مختلف محلن سيد محله ۽ مسجد محلي ۾ به ارڙي جي وبا تيزي سان ڦهلجڻ لڳي

مسجد پاڙي ۾ هڪ ئي گهر جا پنج معصوم ٻارڙا ارڙي سبب بيمار ٿي بستري داخل ٿي ويا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ۽ آسپاس جي مختلف ڳوٺن ۾ ته ارڙي جون شڪايتون عام هيون پر هاڻي اها وبا شهر جي مختلف محلن سيد محله ۽ مسجد محلي ۾ به ارڙي جي وبا تيزي سان ڦهلجڻ لڳي آهي شهر جي مسجد پاڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان ۾ هفتي وار رمضان بچت بازار جو اهتمام

بچت بازار دوران کاڌي پيتي جي شين سميت فروٽ ۽ مختلف شين جي اسٽال لڳايا ويا

شهرين کي سستي اگهه تي روز مره جون شيون مناسب ريٽ تي مهيا ڪيون پيا: اي سي

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ضلعي انتظاميا ۽ تاجران فيڊريشن ٽنڊو محمد خان جي سهڪار سان هفتي وار رمضان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

رمضان بچت بازار
پاران ضلع انتظاميه ٽنڊو محمد خان
هفته وار

ٽنڊو محمد خان ۾ هفتي وار رمضان بچت بازار جو اهتمام ڪيو ويو آهي

غوثپور ۾ هٿيارٻندن ملان شهمير اوڳاهي جي اوطاق کي ڪاٽ هڻي ٻڪريون ۽ رڍون ڪاهي ويا

ڌوهارين کي چوپايو مال ڪاهيندي ڏسي پاڳين ڪين هڪل ڪئي ته ڌوهارين مٿن فائرنگ شروع ڪري ڏني

ڌوهارن ۽ پاڳين ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌوهاري منظور تيغاڻي پٽ شيرو تيغاڻي سخت زخمي ٿي پيو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ علي بخش اوڳاهي ۾ اسرويلي چار اڻ ڄاتل هٿيارٻندن ملان شهمير اوڳاهي جي اوطاق کي ڪاٽ هڻي سندس ٻڪريون ۽ رڍون ڪاهي فرار ٿيڻ لڳا ته گهر ڀاتي سجاڳ ٿي پيا ڌوهارين کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

حميده بنگالڻ پاران لڳايل نياڻي جي نڪاح ۽ وڪري جا الزام ڪوڙا آهن: اسماعيل مغل

منهنجي نينگري جي اغوا، ڪپائڻ ۽ زوري پرڻائڻ جا اجايا الزام هڻي سان حراسان ڪري رهي آهي

منهنجي ۽ حميده وچ ۾ ڪافي وقت کان طلاق ٿيل آهي ۽ هو ڪنهن ٻئي سان شادي پڻ ڪري چڪي آهي

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي سامٽيو) حميده بنگالڻ پاران لڳايل نياڻي جي نڪاح ۽ وڪري جا الزام ڪوڙا آهن: اسماعيل مغل. محرابپور ڳوٺ خدا بخش شاهه واسي پورهيت اسماعيل مغل ڏاتهيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي ظلاقيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

Sarhad Press Club Sarhad

سرحد: ڳوٺ حاجي بخشو چڇڻ جا رهواسي احتجاج ڪندي

بوزدار وڏا شهر ۽ آسپاس جي علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو

ڪتو شهر ۾ ڪاهي پيو ڇتي ڪتي هڪ ڏينهن ۾ ٽن ڄڻن معصوم ٻارڙن کي چڪي زخمي ڪري ڇڏيو

انصاري محلہ جي اريبا ولد انور علي انصاري مگسهار محلہ جي منتاشا ولد عرفان مگسهار ۽ ٻيا زخمين ۾ شامل

بوزدار وڏا (رپورٽر) بوزدار وڏا شهر ۽ آسپاس جي علائقن ۾ رولو ڇتن ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو بوزدار وڏا ۾ اوچتو ڇتو ڪتو شهر ۾ ڪاهي پيو ڇتي ڪتي هڪ ڏينهن ۾ ٽن ڄڻن معصوم ٻارڙن کي چڪي زخمي ڪري ڇڏيو زخمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

غريب، معذورن جي مدد ۽ خدمت ڪرڻ ۾ سڪون ملي ٿو: شعيب حبيب ميمڻ

نياڻين کي ڏاج سان گڏ وڏي تعداد ۾ ٻاهه متاثرين جي مدد ڪرڻ سان گڏ هاٿي مدد ڪريون پيا

غريب ماڻهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ ڪين روزگار ۾ مدد ڪئي پئي وڃي

ٺٽو (ٻ) ٺٽي جي سماجي اڳواڻ شعيب حبيب ميمڻ پاران درگاهه ستيون لڳ ڳوٺ محمد حسن ملاح جي رهواسي معذور يتيم محمد شريف ولد مرحوم محمد يونس ملاح کي سندس ڳوٺ پهچي مقامي ڳوٺاڻن محمد هارون ملاح، بورچي فقير محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

مڪلي جي رهواسڻ مسمات حليمه منگي پريس ڪلب پهتي

مڙس شادي کانپوءِ نشي جي حالت ۾ روز ڪيس مارڪٽ ڪندو هو: مسمات حليمه

مڙس ٻار به ڪسي ورتا آهن، منهنجو پٽ مون کي واپس ڪرايو وڃي: مطالبو

ٺٽو (بيورو رپورٽ) مڪلي جي رهواسڻ مسمات حليمه منگي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سندس شادي به سال اڳ نري ميرواهه ضلعي خيرپور جي رهواسي صداقت منگي سان ٿي هئي شادي کانپوءِ نشي جي حالت ۾ روز ڪيس مارڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

مڪلي جي رهواسڻ مسمات حليمه منگي پريس ڪلب پهتي. ڏاتهيندي

اسان کي عدالت مان انصاف جي اميد آهي، هڪ ڏينهن انصاف ضرور ملندو: ام رباب چانڊيو

ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين ڏاڏي، والد، چاچي جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي عدالت ۾ ٿي

ام رباب چانڊيو فريادي پرويز چانڊيو عدالت پهتا، الزام هيٺ آيل پ پ ايم پي ايز سردار احمد چانڊيو ۽ برهان خان چانڊيو به پهتا

اسان سان ته مذاق ڪن ٿا پر هو عدالت سان به مذاق ڪري رهيا آهن، 5 سالن کان عدالت ۾ پيش ٿي رهيا آهيون: ڳالهيون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي 8 اپريل تائين ملتوي، فريادي ڌر ام رباب چانڊيو ۽ ٻن جوابدارن جا وڪيل نه عدالت ۾ نه اچڻ ڪري ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي ام رباب چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو: ام رباب چانڊيو صحافين سان ڳالهائي رهي آهي

روهڙي پوليس جي تشدد ۾ مارجي ويل عبدالستار منگريو جي وارثن پاران احتجاجي ريلي

روهڙي (رپورٽر) ٻٽڻي پوليس جي حراست ۾ پوليس جي تشدد ۾ مارجي ويل عبدالستار منگريو جي وارثن کي ڪيس نامزد پوليس آفيسرن پاران ڪيس تان هٿ ڪڻائڻ لاءِ ڌمڪيون، مقتول جي وارثن جو ٻيڙي چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي، پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو، مقتول جي قاتلن کي سخت سزا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو محمد خان ۾ قومپرست اڳواڻن جي گهرن تي چڙهائي ۽ گرفتارين خلاف احتجاج

ضلعي صدر جاويد هاليپوٽو، دودو هاليپوٽو ۽ ٻين جي گهرن تي چڙهائي خلاف احتجاج ڪيو ويو

زوهيب جمالي؛ قوم پرست عوامي اتحاد جي امتياز شاهه؛ امتياز نوناري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سخت نعريبازي

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان مان دهشتگردي ڪيس ۾ گرفتار جيئي سنڌ محاذ جي ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي جي گرفتاري خلاف قومپرست پارٽين، سول سوسائٽي جي طرفان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو جيئي سنڌ محاذ، قومپرست پارٽين ۽ سول سوسائٽي جي طرفان جيئي سنڌ محاذ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز ۾ ڊاڪٽر رحمت الله سيال، ڊاڪٽر حاڪم علي جوکيو ۽ ٻين کي ايوارڊ ڏيڻ واري تقريب

ڊاڪٽر ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف صحت کاتي ۾ ريڙهه جي هڏيءَ جي حيثيت رکي ٿو جيڪي صحت کاتي ۾ بهترين نموني ڪم ڪن ٿا: ڊي جي هيلٿ

جيڪڏهن ائين ئي ملازم پنهنجي پنهنجي شعبي جو ڪم ڪندا رهن ته صحت کاتو تمام گهڻي ترقي ڪندو: ڊاڪٽر محمد جمن باهوٽو

تقريب دوران ايوارڊ وصول ڪندڙ ڊاڪٽرن ۽ عملي پاران خوشيءَ جو اظهار ڪندي صحت کاتي سنڌ جو شڪريو ادا ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) صحت کاتي سنڌ پاران ضلعي نوشهرو فيروز ۾ پوليو ۽ E.P.I ورڪ ۾ بهترين ڪارڪردگي پيش ڪرڻ تي ڊاڪٽر رحمت الله سيال، ڊاڪٽر حاڪم علي جوکيو پيراميڊيڪس اڳواڻ محمد يرنس وسڻ، انور علي چانڊيو ۽ شهاب الدين سومرو کي "بيسٽ ايوارڊ" ڏيڻ واري تقريب DG آفيس ۾ ٿي گذري ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

DISTRIBUTION CEREMONY OF
PERFORMANCE CERTIFICATES

نوشهروفيروز: ضلعي ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي کي ايوارڊ ڏنا ويا

مٺي ۾ مستحق عورتن لاءِ آيل وظيفي جي پئسن مان ڪٽوتي جاري

مٺي (ڊ ر) ٿرپارڪر ۾ مستحق عورتن لاءِ آيل وظيفي جي پئسن مان ڊوائيز مالڪن پاران ڪٽوتي وارو عمل جاري پوري ٿرپارڪر جي هر شهر ۾ ڊي سي ٿرجي هدايتن تي عمل نه ٿي سگهيو، مٺي سلام ڪوٽ ڏيپلو ڪلوئي ڇاڇرو ڪانٽيو ڪينسر ننگرپارڪر ڏانو سميت اومني وارو في ڪارڊ تي پنج سئو کان هزار روپيه ڪٽوتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ايوارڊ ملڻ سان انسان جو حوصلو وڌي ٿو، سماجي ڪمن ۾ دلچسپي وڌي ٿي: فرزند علي شاهه

ان ڪري ايوارڊ جي وڏي اهميت آهي سماج ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهون آهن جيڪي ٻين جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا

انسان ذات جي خدمت ڪرڻ حقوق العباد آهي ٻين عبادتن جيان حقوق العباد وڏي اهميت واري آهي

ڊاڪٽر حسين گل پنهنجي ڪلينڪ تي برسات متاثرين جو نه صرف مفت اعلاج ڪيو پر وس آهر مدد به ڪندو رهيو

راڻيپور (رپورٽر) ايوارڊ ملڻ سان انسان جو حوصلو وڌي ٿو وڌيڪ سماجي ڪمن ۾ سندس دلچسپي وڌي ٿي ان ڪري ايوارڊ جي وڏي اهميت آهي سماج ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهون آهن جيڪي ٻين جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا، سيد فرزند علي شاهه جيلاني، انسان ذات جي خدمت ڪرڻ حقوق العباد آهي ٻين عبادتن جيان حقوق العباد وڏي اهميت واري آهي قانوني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دڙو جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪتابي ميلو، اسٽال تي خريدارن جي رش لڳل

پهريون ڀيرو فرينڊس بڪ فورم طرفان "پکي پرواز ٿي ويندا، حويلي ۾ نه هُل رهندو.!!

ناليواري شاعر مرحوم محمد يوسف پٽوجي نالي سان 2 ڏينهن وارو ڪتابي ميلو لڳايو ويو

هن گُهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ ماڻهن کي تفريح فراهم ڪرڻ لاءِ ڪتابي ميلو لڳايو ويو آهي: اڳواڻ

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪتابي ميلو، اسٽال تي خريدارن جي رش لڳل، مختلف سڄاڻ ڏرين، استادن ۽ شاگردن ڪتابي ميلي ۾ شرڪت ڪئي. دڙي ۾ پهريون ڀيرو فرينڊس بڪ فورم طرفان "پکي پرواز ٿي ويندا. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دڙو: فرينڊس فورم بڪ طرفان لڳايل ڪتابي ميلي جو ڏيک

مختيارڪار ڇاڇرو پاران مارڪيٽ ۾ عوامي شڪايتن تي اوچتو دورو

مٺي (ڊ ر) محمد سالم سميجو مختيارڪار ڇاڇرو جن ڇاڇرو جي مارڪيٽ ۾ عوامي شڪايتن تي اوچتو دورو ڪري واڌو اگهه وٺندڙ فروٽ ۽ سبزي فروشن ۽ ڪرياڻه مرچنٽس خلاف ايڪشن ورتو واڌو اگهه وٺندڙن تي ڏنڊ وڌو ويو جنهن ۾ 1. جهنداڻي ولد دودو 500 2. مشتاق ولد وسايو 500 3. اسحاق ولد ميرمحمد 2000 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سرحد پرسان ڳوٺ حاجي بخشو چڇڻ جي رهواسين جو پاران احتجاج، نعريبازي

ڳوٺ حاجي بخشو چڇڻ جي رهواسين محمد حارف چڇڻ، الف، صادق، صوبو، نظام الدين، عبدالستار چڇڻ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثرن محمد صديق چاچڙ، صالح محمد، هارف چاچڙ ۽ ٻين اسان جي ويهه ايڪڙ زرعي زمين تي ناجائز قبضو ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

ڪورٽ سڳوري جو حڪم نامو اچ ملي آهي جلد زمين تان قبضو ختم ڪرائي اصل مالڪن حوالي ڪنداسين: ايس ايڇ او آنڌل سندراڻي

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد ويجهو ڳوٺ حاجي بخشو چڇڻ جي رهواسين جو سرحد پريس ڪلب ۾ احتجاج، بااثرن مٿان زمين تي قبضي جا الزام. مخالف چاچڙ برادري آنڌل سندراڻي جي پوليس سان ملي ڪري اسان جي پوڪيل ڪٽڪ جي فصل ۽ زمين تي ڏاڍ ۽ زور سان قبضو ڪيو آهي ايس ايس پي گهوٽڪي کي قبضو خالي ڪرائي ڏي، حارف چڇڻ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پرياسٽي ٿاڻي تي ڊي ايس پي لونگ خان شر پاران کليل ڪچهري رکي وئي

پرياسٽي تعلقه ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي - موٽرسائيڪل ڦرون معمول بڻيل آهن: شهري

ايف آءِ آر داخل ٿيڻ باوجود پوليس جوابدار گرفتار نٿي ڪري وياج خورن جو آزار وڌي ويو آهي

جلد امن امان بحال ڪيو ويندو وياج خورن خلاف به ڪاروائي ڪئي ويندي: ڊي ايس پي پريا لونگ شر

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياسٽي ٿاڻي تي ڊي ايس پي لونگ خان شر پاران کليل ڪچهري رکي وئي جنهن ۾ شهرين شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا شهرين جو چوڻ هو ته پرياسٽي تعلقه ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي موٽرسائيڪل ڦرون گهرن جون چوريون روز جو معمول بڻيل آهن پوليس چورن سان پٽ ٻڌيل آهي ڳوٺاڻن چيو ته ايف آءِ آر داخل ٿيڻ باوجود پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز: پرياسٽي ٿاڻي تي ڊي ايس پي لونگ خان شر پاران کليل ڪچهري رکي وئي

رمضان شريف ايندي ئي شهر قائد ۾ مهنگائي جو جن بوتل مان ٻاهر نڪري آيو فروٽن جا اگهه آسمانن سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) رمضان شريف ايندي ئي شهر قائد ۾ مهنگائي جو جن بوتل مان ٻاهر نڪري آيو فروٽن جا اگهه آسمانن سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا غريب عوام پريشان پلارو مهينو ايندي ئي ڪراچي جا واپاري پنهنجا من پسند ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا پاڇين سان گڏ ميون جا ريٽ آسمان تي پهچي ويا شهر جي ڪيترن ئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو جي نئين وڏي ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ۾ وڏي پئماني تي ميبنا ڪرپشن جو انڪشاف

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسرن کان گاڏين جو ريڪارڊ پيٽرول جو خرچ مختلف ڪمپنين کان دوائون ۽ مشينري خريدڻ جو تفصيل گهري ورتو

اسپتال اڃان تائين مڪمل طور هلي نه سگهي آهي هوڏانهن ڪاغذن ۾ مڪمل ڏيکاري ڪروڙين روپين جي ميبنا ڪرپشن ڪئي وئي

ڪافي معلومات حاصل ٿي آهي پر فلحال ريڪارڊ ملڻ تائين ڪجهه به ٻڌائڻ مناسب نه آهي ڪجهه ڏينهن ۾ ريڪارڊ ملي ويندو: ذريعا

دادو (ن سنڌيار) دادو جي نئين وڏي ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ۾ وڏي پئماني تي ميبنا ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي ذريعن موجب 5 ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسرن کان گاڏين جو ريڪارڊ پيٽرول جو خرچ مختلف ڪمپنين کان دوائون ۽ مشينري خريدڻ جو تفصيل گهري ورتو جڏهن ته اسپتال اڃان تائين مڪمل طور هلي نه سگهي آهي هوڏانهن ڪاغذن ۾ مڪمل ڏيکاري ڪروڙين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 26 مارچ 2023 ع

سياسي ڇڪتاڻ ، مهانگائي ۽ آيل رمضان شريف ۽ عوام جا اهنج

رمضان شريف جي پلاري مهيني شروع ٿيڻ سان ئي ملڪ ۾ سياسي ڇڪتاڻ اڃا پڻ وڌڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو آهي. ٻئي پاسي سياسي ڌريون توڙي حڪومت معاملن کي بهتر ڪرڻ جي بجاءِ وڌيڪ منجهائي رهيون آهن، جنهن ڪري عام ماڻهو سڀني کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيو آهي.

وفاق جي اتحادي حڪومت ته معاملن کي اهڙي رخ ۾ کڻي پئي وڃي جنهن سان آئين ۽ قانون موجب ملڪ جي هلڻ جو اميدون ختم ٿي رهيون آهن اڳي ئي مهانگائي سان گڏ گئس جي پريشر گهٽ هئڻ، بجلي جي لوڊ شيڊنگ، پاڻي جي کوٽ موجود هئي، جنهن جي ڪري عوام کي ههڙين حالتن مان نڪرڻ جو ڪو به آسرو نظر نه پيو اچي. وفاق ۾ شامل ڌريون اڳئين حڪومت کي هٽائڻ جي لاءِ مهانگائي جي ايجنڊا کڻي ميدان ۾ نڪتيون هيون ۽ عوام جي همدردي حاصل ڪئي هئي، پر هن وقت تائين سرڪار ڪو به اهڙو تحرڪ نه ورتو آهي يا اهڙو فيصلو نه ڪيو آهي، جنهن مان ڪو اهڙو تاثر ملي ته اهو عوام جي ڀلائي وارو قدم آهي. بدقسمتي سان سرڪار جو سمورو زور سياسي ميدان ۾ مخالف ڌر جي خلاف ڪم ڪرڻ تي آهي، جنهن ۾ به ڪا وڏي ڪاميابي نه ملڻ جي ڪري ملڪ توڙي عوام وڌيڪ ڀوڳي رهيو آهي.

ٻئي پاسي تاحال عالمي مالياتي اداري جي هر نئين شرط قبول ڪرڻ جي باوجود اڃا تائين ڪنهن به طرف کان اهڙو اشارو نه مليو آهي، جنهن منجهان لڳي ته آءِ ايم ايف سان موجود سرڪار جو معاهدو ٿي رهيو آهي، ڀلي ڪٿي سرڪار ڪهڙي به دعويٰ ڪري پر عملي ميدان تي ڪو به نتيجو نه نڪتو آهي.

اهڙي ريت عالمي ميڊيا جي هڪ رپورٽ موجب ملڪ مان ماڻهو وڏي پئماني تي ٻين ملڪن ڏانهن وڃي رهيا آهن. هڪ تازي رپورٽ موجب هن سال صرف فيبروري تائين ملڪ مان سوا لک ماڻهو ٻين ملڪن ڏانهن هليا ويا آهن، جڏهن ته 2022 ۾ اهو ڪل تعداد 8 لک کان وڌيڪ هو اهڙي طرح 2021 ع ۾ ملڪ مان ٻاهر ويندڙن ماڻهن جو انگ ٽوٽل 2 لک 88 هزار هو جنهن مان اهو ثابت ٿي رهيو آهي ته اهو انگ تيزي سان وڌي ويو آهي.

غريب ۽ وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهو جنهن وٽ ڪا ٻي واهه ناهي اهو اڳي ئي ڳاتي ٽوڙ مهانگائي سبب پريشان هو مٿان وري رمضان جي پلاري مهيني اچڻ سان ئي واپارين عام واهپي جي هر شيءِ جي اگهن کي وڌائي ڇڏيو آهي. ملڪ ۾ تيزي سان وڌندڙ مهانگائي هن وقت شرح جي لحاظ سان 47 سيڪڙو کي پهچي وئي آهي، جنهن جو مطلب آهي ته عوام جي هٿ ۾ جيڪو رپيو آهي اهو هاڻي صرف 53 پئسا ساريو وڃي، ان مان 47 پئسا ڪٽجي ويندا. شهري بصر، ٽماٽي سميت مختلف شين جو متبادل ڳولڻ لاءِ پريشان ٿي ويا آهن. شمارياتي اداري موجب شهرن ۾ مهانگائي جي شرح 42 ۽ ٻهراڙين ۾ 47 سيڪڙو کي ڇهي رهي آهي. کاڌي پيتي جي عام اسمن ۾ شامل ٽماٽن بصر، ڪيرءِ تيل مهانگو ٿيڻ سبب شهري ان ڳولا ۾ آهن ته انهن اٿئمن جي جاءِ تي ڪا ٻي سستي ڪتب آندي وڃي. رمضان ۾ مهانگائي جو وڌڻ لازمي امر هوندو آهي پر هن سال اڳي جي ڀيٽ ۾ تيل مهانگائي سبب عام ماڻهو وڌيڪ پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي، پر ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي بحران جا مسئلا ايترا حاوي ٿي ويا آهن، جو سرڪار هن بنيادي معاملي ڏانهن گهربل ڌيان ڏيڻ جي لاءِ تيار نه آهي. عام طور تي روزي کولڻ جي لاءِ ڪجور کي لازمي اسم سمجهيو ويندو آهي پر گذريل سال جي غيرمعمولي برسات سبب وڏيڪ نقصان ڪجور ئي پهتو هو جنهن ڪري هن وقت ڪجور عام ماڻهو جي خريد ڪرڻ کان گهڻي مهانگي ٿي وئي آهي. مارڪيٽ سروي ڪندڙن جو چوڻ آهي ته 200 رپين ۾ ملندڙ ڪجور هن ڀيري هزار رپين ۾ وڪامي رهي آهي.

هر دور ۾ حڪومت اهڙا رسمي اعلان ته ڪندي آهي ته بچت بازار لڳائي عوام کي سستي اگهه تي شيون پهچائڻ يقيني بڻايو ويندو پر عملي طور تي ان تي ڪٿي به عمل ٿيندي نظر نٿو اچي.

سنڌ جي وڏي وزير اعلان ته ڪيو آهي ته صوبي جي هر تعلقي ۽ هر ٽائون ۾ بچت بازار لڳندي، ان بابت آرڊيننس جاري ڪيو ويو آهي، جنهن سان اگهه ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مدد ملندي، سندس هو به چوڻ هو ته اهڙي آرڊيننس کي سنڌ اسيمبلي مان به پاس ڪرائينداسين. پر اڳي جيان اهڙن اعلانن تي ماڻهن کي گهٽ ئي اعتبار اچي رهيو آهي.

سنڌ ۾ رمضان شريف ايندي ئي ذخيرا اندوزي جي مقصد سان مافيائون سرگرم ٿي وڃن ٿيون. واپاري ڪنهن به انتظامي چيڪ ۽ بيلنس نه هئڻ جي ڪري مرضي سان قيمتون وصول ڪن ٿا جن کان ڪو به پڇڻ وارو نه هوندو آهي، اهو درست آهي ته حڪومت جا نالي ماتر اهڙا ادارا آهن جن جو ڪم ئي اگهن جي لسٽ جاچ ڪرڻ ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ آهي پر ان تي ڪڏهن به اهڙي نموني عمل نه ٿيو آهي، جو هڪ غريب ۽ عام ماڻهون سک جو ساهه کنيو هجي. ان ڪري هن مهانگائي ماڻهن جي زندگيءَ اڳئي کان سڙهيرا وڌيڪ مشڪل بڻائي ڇڏي آهي.

وفاقي توڙي صوبائي حڪومت کي فوري طور تي عام ماڻهو جي مسئلن کي اهميت ڏيندي اهڙا قدم کڻڻ گهرجن جن سان مهانگائي ضابطي ۾ اچي سگهي ۽ عام ماڻهون پڻ هن پلاري مهيني ۾ بهتر طريقي سان روزمره جي معاملن کي منهن ڏيڻ جي قابل ٿي سگهي، جيڪڏهن صرف حڪومت شهرين کي مافيائن پاران عام واهپي جي شين جي کوٽ ۽ مقرر ڪيل اگهن تي لازمي اسمن جي وڪري کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ڪم ڪري ته ان سان پڻ روزاني زندگيءَ تي گهڻو فرق اچي سگهي ٿو.

اسان سنڌ حڪومت ۽ ان جي انتظاميا مان اميد ڪريون ٿا ته عوام جي ڏکن سورن کي محسوس ڪندي انهن کي حل ڪرڻ جي لاءِ سرگرمي ڏيکاريندي، جيئن سرڪار جو عوام جي جان، مال ۽ حياتي جي حفاظت ڪرڻ فرض هوندو آهي اهڙي طرح عوام کي مهانگائي ۽ اگهه وڌائيندڙ مافيائن کان بچائڻ به ان جو ئي ڪم هوندو آهي ته ته هن سياسي ڌماچوڪڙي ۽ مهانگائي رمضان شريف جي روايت ۽ عبادت جو مزو ئي ڦري ورتو آهي.

چا سياست پاڻ سازش ٿي ڪري ؟

رياض ابڙو

گذريل سال 12 مارچ تي پارليامان پاڻ فيصلو ڪيو هيو ته هن خان تي هاڻي اعتبار ناهي ان ڪري هن کي ووٽ آف نو ڪانفيڊنس ڏئي پارليمان مان ڪڍرائي ڇڏيو جو وري ڪا واهه نه بچيس جو پارليامان ۾ موٽي وڃي. ان ڪانپوءِ هن جيڪي ڳوٽون ڪيڏيون اهي ڪم جون نه ٿيس پوءِ ان ۾ 43 ايم اين ايز جو استعفائون به ڪجهه نه ڪري سگهيون. پنجاب اسيمبليون توڙي به ڪجهه نه ڪري سگهيو پر هاڻي واري ڳوٽ مضبوط ٿي لڳيس جو هن ڊاڪٽر زلمي خليل زاد جي ڳڄ ورتي آ ۽ سمجهي ٿو ته هاڻي هن کي ڪير جوڙ وارو ناهي. نه ئي ڪورٽون هن کي ڪجهه چونديون. نه هن جي لاءِ ڪا شنوائي ٿيندي. نه ئي رياست کي ايتري طاقت آهي جو هو هن کي هاڻي گرفتار ڪري سگهي. ان ڪري رياست به آهستي آهستي هن جي ڦوڪڻي مان هوا ڪڍڻ جي چڪر ۾ هئي ته هن جي گرفتاري ممڪن ٿئي پر خوف اهو به آهي ته ڪٿي سول وار نه لڳي وڃي جو روڊن تي هاڻي هڪ اڌ خون ته ڪٿي سياست جي نالي ٿئي به پر روڊن رستن تي جي خون جون نديون وهي هليون ته پوءِ هن سرڪار جو تختو اونڌو ٿي ويندو ۽ ملڪ جو پاڙون لڏي نه وڃن. چو ته خان وٽ هاڻي هٿيارٻند جدوجهد به آهي. جو جيڪي به طالبان جي ڏڙا آهن اهي هن جا ئي سلامي آهن ۽ وڏي ڳالهه ته 22 ڊسمبر 2022 تي باجوا سان ملاقات ڪرائڻ ۾ به هن ڊاڪٽر زلمي خليل زاد جو ئي هٿ هيو. هن باجوا کي پارٽ ڪئي هئي ته کهڙي به طريقي فوجي استبلشمينٽ هن سان اندروني ناهه ڪري ۽ هن کي ڪرسي موٽائي ڏئي. ان ڪري خان جي 43 وزيرن جي استعفائن تان هٿ کڻڻ ۾ اهو به هيو ته هاڻي اندروني طرح هي به شهبازشريف جي خلاف عدم اعتماد جي تحرڪ هلائيندو ۽ اهي سڀ جا سڀ وزير وڃي ايوان ۾ ويهندا ۽ هي به هاڻي روڊن ۽ ڪنٽينرن جي سياست ڇڏي ايوان ۾ ويهڻ لاءِ تيار هيو. ان ڪري ڊاڪٽر زلمي خليل زاد فوج سان پنهنجا رابطا ۽ واسطا هلايا ۽ فوج کي هن سان ملڻ تي قائل ڪيائين پر دال نه ڳريس. ان ڪري جو هن جي خلاف ڪورٽن جا ڪيسن ۽ ملڪي سياستدانن ۽ استبلشمينٽ سان نفرت انگيز رويي 13 پارٽين کي منجهائي ڇڏيو يا جيڪو ڪلهه تائين آمريڪا کي سازشي پيو سڏي يا سمجهي پيو ته سي آءِ اي جي مداخلت ڪئي آ جو هن کي پاليامان مان تڙي لڏي ڇڏين ۽ هن جي نري ٿڏي حڪومت هلي وئي جو هن جي پيرن هيٺان باهه ٻاري ڏنن ۽ راتو واهه هن کي وزيراعظم هائوس مان بي دخل ڪري ڇڏين جو وري مڙي نه آيو يا نه اچي سگهيو ۽ ائين لڳو ته هاڻي هن جي سياست ان طالبان مائيڊسيٽ ۾ دٻجي ويندي يا ڪي پي ۾ هر به لسانيت واري سياست شروع ڪندو ۽ واقعي ئي شروع ڪري ڏنائين ان ڪري زمان پارڪ ۾ جيڪي به شرنگيز گڏيا يا جن جي مٿان پنجاب پوليس ڪيس داخل ڪيا آهن اهي سڀ جا سڀ هن جي ڪي پيءِ جا پرستار آهن جن هن جي مٿان سرگهوريو باقي ميڊيا مهر يا "ورڊ آف مائوٿ" مان يا "پبلڪ اوپينين" مان ائين ٿو لڳي ته هاڻي هي پنجاب مان ٽپڙ ويڙهي ويندو يا ڳالهه وري ڊاڪٽر زلمي خليل زاد آمريڪي باشندو ته آهي پر هو مزارشريف (افغانستان) جو ڄائو به آهي ۽ عراق، ايران ۽ افغانستان جي ايمبيسيڊر جي پوزيشن تي آمريڪي خدمتون سرانجام به ڏيندو رهيو آهي پر هزارين طالبان مارائڻ ۾ به هن جو هٿ رهيو آهي، ان ڪري هن مهل تائين جيڪي به اعلي سطح جو ڳالهيون ٿينديون رهيون آهن ان ۾ هن جي شموليت رهندي آئي آهي يا هو ڀلي ريپبليڪن به هجي پر ڊيموڪريٽ به هن جي چڱي خاطرتواضع ڪندا رهندا آهن يا آمريڪي سينيٽ ۾ هن جي هلندي پڄندي آهي يا هو هڪ پي ايڇ ڊي هولڊر ڊاڪٽر به آهي جنهن 200 کان وڌيڪ انگريزي ڪتاب به لکيا آهن جيڪي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمان به ٿي چڪا آهن. پر ڳالهه ڪرڻ جي اها به آهي ته هاڻي واري سياسي پيش منظر ۾ يا طالبان افغانستان ۽ پاڪستاني معاملن جي پس منظر ۾ يا غيرملڪي ايجنسين جيئن سي آءِ اي يا اسرائيلي موساد کي طالبان سان ڳالهين جي طرف وٺي وڃڻ. يا آمريڪي الائيڊ فورسز جي افغانستان مان انخلا ڪرائڻ ۾ يا هاڻي افغاني طالبان جي مٿان آمريڪي هلان گهٽ ڪرائڻ ۾ هي ڊاڪٽر صاحب ڪامياب ضرور ويو آهي يا اندر ئي اندر افغانستان جو درد رکي ٿو. پر هاڻي پاڪستاني ادارن سان لهوڄڙ جي ڪري ۽ عمران خان جي سڌي حمايت جي ڪري هن ڊاڪٽر زلمي پاڪستاني رياست کي اهڙو وائڙو ڪري ڇڏيو آ جو عام پرسيپشن اهو ٿو ويهي ته ايندڙ سرڪار هڪ اچي مشڪل يا جي ڪٿي آئي ته هن تي جهيڙو ٿيندو ان ڪري ته عمران خان هار مڃڻ لاءِ قطعن تيار ناهي يا هو هر صورت عام چونڊن ۾ ڪاميابي ٿو چاهي يا هاڻي به ڏسون ته 30 اپريل تي ٿيندڙ چونڊون وري 8 آڪٽوبر 2023 تائين ملتوي ٿي ويون يا ٿي سگهي ٿو ته 8 آڪٽوبر تي به نه ٿين (يا جيڪا ان ڪري به نه ٿينديون جو مٿان وري عام چونڊن جو اعلان ٿيڻ وارو هوندو) يا ان ڪري ته آمريڪا سعودي ۽ ايران جي معاملن تي ۽ چين ۽ روس سان پاڪستاني لهوڄڙ تي ٽهپو پيو آ ان ڪري معاملا رياست جي لاءِ خراب ترين رهندا ان بيروني داٻاءَ جي ڪري اندروني سياست سدائين گڙٻڙ رهندي آئي يا شهبازشريف مٿي 2023 ۾ روس کان تيل خريد ڪرڻ جو ارادو ڪيو آ يا ايران کان گيس بحال ڪرائيندا ته اها ڳالهه وري آمريڪا کي وڌيڪ پاڻيءَ مان ڪڍي سگهي ٿي جنهن جا اثر هاڻي واري آءِ ايم ايف جي پئيسن قسط جا قسط مان لڳي ٿو. بهرحال يا جتي عمران خان ڪورٽن کي به ڪر ڪرڻ ٿو ڏئي. نه اليڪشن ڪميشن کي ڪو فيصلو ڪرڻ ٿو ڏئي يا جيڪو به شخص ڀلي اهو عسڪري ادارن ۾ ويٺو هجي يا اليڪشن ڪميشن جو ڪرتادرتا هجي يا جيڪو سپريم يا هاءِ ڪورٽن جا ڪم اڪلائيندو هجي. انهن سڀني کي هي نشاني تي رکيون اچو. يا ماضيءَ جو هن جون تقريرون کڻي ڏسون ته ٽي ايل پي کي نومبر 2020 ۾ ڪو احتجاج ڪرڻ نه ٿو ڏئي يا سپريم ڪورٽ جا فيصلا جڏهن پي ڊي ايم جي گهرجيءَ ۾ پيا يا ڪورٽن جا فيصلا جڏهن شهبازشريف يا نوازشريف ۽ مريم نوازشريف ۽ حمزاشهباز جي خلاف ٿيندا رهيا يا اهي عمران خان کي خوش ڪرڻ جي لاءِ ٿيندا رهيا يا نيب جڏهن هن جي چوڻ تي نون ليگ جي سچي آڪنهن هڏي وٺي يا ايف آءِ اي يا ايف بي آر جڏهن هن جي چوڻ آڪڻ ۾ هيون ته سڀ صحيح هيو هاڻي رڳو ڪورٽ هن ڏي هڪ سمن موڪلي ٿي هن آسمان کڻي مٿي تي کنيو يا الائي جي ڇا ڇا بکيو ته رياست هن سان هيئن ڪندي ۽ هونءَ ڪندي پهر هن وزيراعظم کي اهي شيون زيب نه ٿيون ڏين ان ڪري ته شينهن کي جيڪڏهن گدڙن جو ليبر بڻائجي ته سڀ جا سڀ گدڙ به شينهن بڻدو يا گدڙ کي شينهن جو اڳواڻ بڻائجي ته سڀ جا سڀ شينهن پوءِ گدڙ بڻدو (هڪ جرمن چوڻي) يا جيڪو به هن خلاف ڪا ڳالهه ٿو ڪري ته هي ان جي ننڊ ڦٽائي ٿو ويهي يا جيڪا ڳالهه هن جي خلاف ٿي ٿئي ته هي اپو ٿي ٿو ويهي. هاڻي ان صورتحال ۾ فوج ڪاڏي وڃي يا ڪورٽون ڇا ڪن.

يا طالبان رڳو اهي ناهن جيڪي وڙ ڪنڻيون بغل ۾ بندوق کڻي گهمن پرهاڻي ته پي ٽي آءِ جا سپورٽر به طالبان ٿا لڳن ان ڪري ته جهڙو حشر هنن پنجاب ۽ ڪي پي ۾ ڪيو آ يا جنهن طرح هنن رياست کي جمود جو شڪار ڪري ڇڏيو آ. يا جيتري ڀڃ ڊاهه هنن پنجاب جي شهرن ۾ ڪئي آ. شايد ڪٿي ڪئي هجين. پر پوءِ به بي ڏوهي آهن. يا ڪورٽن کان پاڻ بچائڻ جي چڪر ۾ هي پاڻ کي ڪڏهن بي بي سان ٿو ملائي. ڪڏهن مرتضي ڀٽو بڻجي ٿو وڃي يا ڪڏهن ٿو چئي ته هن جي مٿان فائرنگ ڪندا يا ڪڏهن ٿو چئي ته هن کي گرفتار ڪري چمن جيل موڪليندا يا ڀلا جيڪي به سنڌي ۽ بلوچ اڳواڻ هجن ٿا اهي ته اڊيالا جيل کان ٿي موٽي ٿا اچن يا پنجابي ليبر الاماشا جي ڪٿي گرفتار به ٿين ٿا ته اهي لانڊي يا وري به چمن جي جيلن جي ياترا ڪري موٽي ٿا وڃن ان ۾ چاهي ان ڪري هي هي به چمن جيل ڏسي. پرهاڻي واري پيش منظر ۾ اها ڳالهه چٽي آ ته پنجاب استبلشمينٽ ۽ عسڪري قوتن جو هيل رڳو عمران خان ۽ طالبان مائينڊ سيٽ سان مهاڏو اٽڪيو. ان ڪري جو جيڪي ڊاڪٽر زلمي خليل زاد وانگي آمريڪي سينيٽ ۾ ويهي به آفيشلي عمران خان جي سپورٽ ۾ وڙ کڻي لهي پون يا ٽويٽ جي مٿان ٽويٽ ٿا ڪن ۽ رياست کي ڌمڪائن ٿا ته مٿان عمران خان کي گرفتار ڪيو اٿوَ يا هن کي ڪنهن طرح نااهل ڪيو اٿوَ ۽ جي ائين ڪندؤ ته هي ملڪ ٽٽي ويندو ان ڪري هاڻي عمران خان جا سپورٽ رڳو پي ٽي آءِ وارا ناهن پرهڙئي طالبان به هاڻي آفيشلائيز يوٽيا ٿي پيا آهن جيڪي خطرناڪ بڻبا.

جن کي ڏورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنَ؛
فِڪرَ فَرِهي هٿ ۾، ماڻ مُطالع ڪنَ؛
پَنو سو پڙهنَ، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

❋عشق عجب اعلان❋

تحرير: زين ڪوسو

يونان جي هڪ مفڪرّ لاريمر جي بقول باشعور زندگيءَ ۾ شاعري محض بي انت جذباتي ڪيفيت ۽ ابتدائي ترنّم تائين محدود نه هوندي آهي بلڪ ان ۾ تمام اونهو فڪر، تجسسّ ۽ فني اصول شامل هوندا آهن. هڪ ٻئي مفڪرّ ڊبليو ايڇسن مطابق شعر نالو آهي نادر لفظن جي مجموعي جو ۽ گريول ڪرڪ جي نظر ۾ اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته شعر انداز موجود خيال غير معمولي سونهن جو احساس ڏيارڻ شاعر جي قوتِ بيان ۽ اعليٰ صلاحيتن تي منحصر آهي. سيّد بخشل شاهه به اهڙن شاعرن مان هڪ هيو جنهن پنهنجي خداداد صلاحيتن ذريعي حُسن جي احساس کي لفظن ۾ پيش ڪرڻ جي مهارت ڏيکاري آهي.

حُسن هر جاءِ تي موجود آ، عشق بي جي انت لامحدود آ
ذرو ذرو ڪوهسارن جو نشان ، قطرو قطرو سمنڊ جو مقصود آ

شاعر غيب تان پردو کڻندڙ ۽ ڪائنات جي رازن کي پروڙڻ وارو هوندو آهي. اهڙو اظهار هيلين شعرن ۾ اظهاريل آهي

ستارن کان اڳي ڇا هي؟ ڏسي ڪو، ها اڳتي ڇا بچيو آهي، ڏسي ڪو
حقيقت کي، حقيقت سمجهئو آ، محل سي ڀرم جا ڊاهي ڏسي ڪو
آهي هِت هُت هُو بخشل شاهه لڪياري، پلاڪائي پرين ناهي؛ ڏسي ڪو

بخشل شاهه لڪياري سليس، عام فهم ۽ بلاغت رکندڙ شاعر آهي سندس شاعريءَ ۾ شعر ۽ ادب جون سموريون خوبيون نمايان نظر اچن ٿيون. مثال طور:-

زندگيءَ جو ڪتاب لکندو هان، هر گهڙيءَ جو حساب لکندو هان
ڪهڙا مضمون ڪهڙا ڏيان عنوان، ٽڙ ٽڪڙ ۾ شتاب لکندو هان
ننڊ جن منهنجي آ ڦٽائي ڇڏي، جاڳي جاڳي سي خواب لکندو هان

هڪ ٻئي غزل ۾ بخشل شاهه لڪياريءَ جي ملاست دادو جي قابل آهي.

چمن ۾ پوئرجا پيرا ڏٺاسين، گلن تي پوپٽي پيرا ڏٺاسين
اڄي گلشن ۾ سڀ شاداب ٿي ويا، بهارن جا وڌيل ويرا ڏٺاسين. ٻئي تقدير بخشل شاهه پنهنجي، نوان ڪي چرخ جا ڦيرا ڏٺاسين

سيّد بخشل شاهه لڪياري عزم ۽ اُتساهه ڏيندڙ شاعر آهي جيڪو حوصلو وڌائي ٿو جيئن پنهنجي هيلين شعرن ۾ بيان ڪري ٿو صدائن ۾ اثر آئي سگهو ٿا، هوائن ۾ اثر آئي سگهو ٿا، گلن کي بوڙ بو پٽر پيا ترندا، دعائن ۾ اثر آئي سگهو ٿا لڪياري نفس کي جي مارٿو آ، قضائن ۾ اثر آئي سگهو ٿا. يا جيئن چوي ٿو ته: پنهنجا جذبا جڏهن آئي ٿا پون، پوءِ هماليه به آڏو جهڪي ٿا پون. هيلين غزل ۾ شاعر "مون کان ٿيندو ڪٿي" کي ڪيڏي سادگيءَ ۾ پُرمعنيٰ مفهوم ۾ استعمال ڪيو آهي، جنهن تي ڪيس داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي. هي اڪيلو سفر، مون کان ٿيندو ڪٿي ، تنهنجو ڇڏيان شهر، مون کان ٿيندو ڪٿي، زور پنهنجو زمانو لڳائي ڏسي مان مٿيان تنهنجو در، مون کان ٿيندو ڪٿي

هڪ غزل جي بندن ۾ شاعر آس جي ڏيئي کي اُجهائڻ نٿو ڏئي ۽ پيار جي اُميد رکيو ويٺو آهي.

ڏيئو آس جو ڪو اُجهائڻ نه ٿيندو، منهنجو پيار، ٻئي در وڪائو نه ٿيندو شاعرن کي پنهنجي ٻوليءَ سان بي پناهه محبتّ ۽ انسيت هوندي آهي جيڪا بخشل شاهه لڪياري کي به آهي جا به ٻڌون ٿا، ڳالهايون ٿا، ٻولي آ. ڪيڏي مِٺڙي، ڪيڏي سهڻي سولي آ بخشل شاهه قرآن لکيو ويو آ جنهن ۾ ، شاهه لطيف جي ٻولي، منهنجي ٻولي آ. سائين بخشل شاهه لڪياريءَ جي ڪتاب "عشق عجب اعلان" ۾ تمام بهترين شاعري آهي، جنهن کي پڙهڻ سان دل کي سُڪون ۽ راحت ملي ٿي. سو پڙاڏو سڏ ٿيوءِ سڏ پڙاڏي مان نهيو. ڪجهه اچن آواز پيا جيڪي سڏن جهڙا نه ها.

بقايا *** 01

ڪري وٺي عمران خان طرفان آمريڪا کان نئون ڇڄان کان وٺي منهنجي حياتي کي خطرو آهي جو ڪوڙ ڳالهايو ويو. گهرو وزير چيو ته عمران خان آئين، قانون ۽ سچائي کان حقيقي آزادي چاهي ٿو. عمران نيازي توشه خاني، پرڏيهي فنڊنگ، ٽيريان نيازي ڪيسز کان حقيقي آزادي چاهي ٿو. راڻا ثناءُالله وڌيڪ چيو ته عمران خان هر اداري ۽ ان جي سربراهه کي پنهنجو غلام بڻائڻ جي حقيقي آزادي چاهي ٿو. سندس حقيقي آزادي جا منظر ڊي چوڪ تي سموري قوم ڏسي چڪي آهي. راڻا ثناءُالله چيو ته هي هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ ۾ گرمارچي حقيقي آزادي چاهين ٿا. عمران نيازي جو آمريڪا سان صرف ٻاهران جهيڙو آهي. اندر ۾ هي ٻاڻ ۾ پاٿر آهن. ملڪ جو غدار مينار پاڪستان جهڙي پاڪ جڳهه کي ڪوڙ ڳالهائڻ جي لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. پاڪستان خلاف ڪم ڪندڙ ايجنٽ کي مينار پاڪستان تي جلسي جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي.

بقايا *** 02

شاهه ميٿلا سان ڳالهائيندي ڪيون آهن. صحافي ٽيل ڳالهين جي بي قسط به جاري ڪري ڇڏي آهي. جنرل (ر) قمرجاويد باجوه جو چوڻ آهي ته شهباز شريف کان حڪومت نه هئي هلي نواز شريف جي واپس اچڻ سان ئي ملڪي مسئلا حل ٿيندا. هن جو چوڻ هو ته جڏهن حمزا شهباز کي پنجاب جو وڏو وزير ڪيو ويو ته شهباز شريف کي ڪافي شرمندو ڪيو ۽ چيو ته اوهان جي پارٽيءَ ۾ پيو ڪو به وڏ وزارت جي لائق نه هو ڪافي ڪلاس ورتو مانس ها سلمان شهباز وڌيڪ باصلاحيت آهي. جنرل باجوه جو چوڻ آهي ته جسٽس عمر عطا بنديال ڪمزور آهي دٻاءُ برداشت نه ڪري سگهندو آهي. جسٽس اعجاز الحسن ۽ جسٽس منيب مٽس دٻاءُ وجهي فيصلا ڪرائيندا آهن. هن چيو ته جڏهن بي اعتمادي رٿ ڪامياب ٿي ۽ شهباز شريف وزيراعظم ٿيو ته ڪيس مبارڪ ڏني ۽ پڇيو ته ڇا پروگرام آهي جواب ۾ چيائين ته بس به ٿي قانون منظوري جي چونڊون ڪرائينداسين. 9 مئي 2022 ع تي ملڪ احمد ۽ شهباز شريف آيا ۽ چيائين ته چونڊن لاءِ سوچي رهيا آهيون. ان بعد شهباز شريف لنڊن هليو ويو وري 19 مئي تي وري ملڪ احمد ۽ شهباز شريف آيا ۽ ٻڌايائون ته 20 مئي تي شهباز شريف استعيفا ڏيندو. ان ڏينهن آءِ ايس آءِ جو ڊي جي نديم انجم آيو ۽ چيو ته شهباز شريف استعيفا ڏيندو ته 25 مئي تي قطر ۾ آءِ ايم ايف سان رٿيل ڳالهيون ڪير ڪندو اوهان شهباز شريف کي چئو ته 10 ڏينهن ڏئي ان بعد استعيفا ڏئي پر شهباز شريف انڪار ڪيس ان تي مون نديم انجم کي چيو ته اوهان نواز شريف سان ڳالهايو ۽ ان نواز شريف سان ڳالهايو ۽ 10 ڏينهن جو مدو گهريو ان دوران عمران خان کي به شاهه محمود قريشي، پرويز خٽڪ ۽ اسد عمر ذريعي پيغام اماڻيو ته آءِ ايم ايف سان ڳالهين کان پوءِ اوهان جو به حڪومت هلي ويندي ۽ چونڊون ٿينديون. پر ٽنهي چيو ته عمران خان اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه آهي. 22 مئي تي پشاور ۾ عمران خان پريس ڪانفرنس ڪري لانگ مارچ جو اعلان ڪري رهيو هو ته نديم انجم ان دوران شاهه محمود کي فون ڪئي ۽ شاهه محمود فون عمران خان کي ڏيڻ چاهي پر عمران خان انڪار ڪيو اهو منظر ٽي وي چينلن تي به ڏيکاريو ويو. جنرل (ر) باجوه جو چوڻ آهي ته عمران خان وڏو منافق آهي. جڏهن جنرل (ر) فيض ۽ صدر جي چوڻ تي عمران سان ملاقات ٿي ته ڪيس چيو ته اوهان ته مون کي مير جعفر ۽ مير صادق ٿا چئو جواب ۾ چيائين ته مان ته شهباز شريف ۽ نواز شريف لاءِ چوندو آهيان عمران خان جي منافقت تي حيران ٿي ويس. جنرل (ر) باجوه چيو ته ٻي ملاقات ۾ عمران خان کي ڪاوڙ ۾ چيو ته اوهان ڀلي پواءِ رهيا آهيو؟ الزام هڻڻ بند ڪيو اوهان جون ويڊيو آهن. پوءِ منهن ڏيکارڻ جي لائق نه رهندا ۽ پوءِ ملاقات ڪانه ٿي. هن چيو ته عمران خان جو لانگ مارچ راڻا ثناءُالله ناڪام بڻايو اسان جو ڪو به عمل دخل نه هو مون هيلي ڪاپٽر موڪليو جنهن ۾ شاهه محمود، اسد قيصر، پرويز خٽڪ چڙهي آيا ۽ راجا پرويز اشرف سان ڳالهيون ڪيائون پر ڳالهيون ناڪام ٿي ويون. سندس چوڻ هو ته جنرل (ر) فيض حميد آيو ۽ چيائين ته عمران خان وٽ هن بئي ڳالها دستاويز ته آهن. نااهل ٿي ويندو ۽ ثاقب نثار لاءِ چيو ته هو چوي ٿو عمران خان نااهل ٿيو ته باقي ڪير بچندو. ملڪ ڪير هلائيندو ته هن جو چوڻ آهي ته عمران جي لانگ مارچ جي اعلان بعد (ن) ليگ قيادت آئي ۽ چيو ته هاڻي استعيفا نه ڏينداسين. عمران خان جو مقابلو ڪنداسين. آصف زرداري ۽ مولانا فضل الرحمان اڳ ئي رهيل مدو پورو ڪرڻ جي حق ۾ هئا. جنرل (ر) باجوه چيو ته 17 جولاءِ واري ضمني چونڊ ۾ ڪا به مداخلت نه ڪئي. عمران خان پاپولر هجڻ سبب چونڊ کٽي هئي.

بقايا *** 03

نااهلي سبب نريندر مودي جو منهنجي ان ڳالهين ڊپ آهي جنهن ۾، مون مودي ۽ اڏاڻي جي ڳنڍ جوڙ کي واڪو ڪيو پر مان ڊنل ناهيان ۽ سوال اٿاريندو رهندس. ڪانگريس اڳواڻ چيو ته مودي منهنجي تقرير کان ڊنل آهي، اهو ڊپ مون سندس اکين ۾ ڏٺو آهي، اهو ئي ڪارڻ آهي جو حڪومت بوکلاهٽ ۾ وٺي ۽ مون کي نااهل ڪيو ويو آهي. راهول گانڌي چيو ته منهنجي پارليامينٽ ۾ ڪيل تقرير کي ختم ڪيو ويو جنهن تي لوڪ سڀا جي اسپيڪر کي هڪ ڊگهو خط لکيو. ڪجهه وزير منهنجي حوالي سان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن ته مون پرڏيهي طاقتن کان مدد گهري پر اهڙو ڪجهه نه آهي. مان ڪڏهن به سوال ڪرڻ کان پٺتي نه هٽندس. ياد رهي ته ساک کي ڇيهو رسائڻ واري ڪيس ۾ راهول گانڌي کي گجرات سورت جي عدالت ٻه سال قيد جي سزا ٻڌائي وري سندس ضمانت منظور ڪئي جنهن ڪانپوءِ لوڪ سڀا ڪيس نااهل قرار ڏئي ڇڏيو.

بقايا *** 04

جون غيرجانبدار شخصيتون رهيون آهن جن عمران خان جي وزيراعظم بڻجڻ کان گهڻو اڳ ئي عمران خان جي اصليت پڌري ڪري ڇڏي هئي، هن چيو ته ڊاڪٽر اسرار احمد واضح طور تي ٻڌايو هو ته عمران خان اسرائيل ۽ يهودين جي اشارن تي هلي رهيو آهي. جڏهن ته عبدالستار ايڌي پڻ عمران خان جي سازشن جي نشاندهي ڪئي جي جڪر آهي ته ڪيئن هو شهيد محترما بينظير ڀٽو جي حڪومت ڪيرائڻ لاءِ حميد گل سان گڏجي هن وٽ آيو هو اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ اسيمبلي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو ان موقعي تي اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ڊاڪٽر اسرار احمد ۽ عبدالستار ايڌي جا ڪلپس پڻ ميڊيا کي ڏيکاريا. هن چيو ته صدر عارف علوي غيرقانوني ۽ غير آئيني ڪمن ۾ ملوث رهيو آهي. ان جو مواخذو ٿيڻ گهرجي پر ان لاءِ اسيمبلي نمبرن جي ضرورت آهي. هن چيو ته صدر عارف علوي پي ٽي آءِ جي غيرقانوني ۽ غير آئيني ڪمن دوران خاموش ڇو رهيو. هن چيو ته هن وقت خط ڇو نه لکيا، عارف علوي جو پٽ سوشل ميڊيا سيل جي سربراهي ڪري رهيو آهي ۽ ادارن خلاف مهم هلائڻ ۾ اڳيان اڳيان آهي. هن چيو ته صدر مملڪت قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر جي غير آئيني رولنگ تي قومي اسيمبلي تحليل ڪئي. صدر عارف علوي غير آئيني قدم کنيو ته ان خلاف آرٽيڪل 6 تحت ڪارروائي ڇو نه ڪئي وئي. هن چيو ته ساهيوال سانحي ۾ 6 جوابدارن کي ثبوت نه هئڻ سبب بري ڪيو ويو بيگناهه ماڻهن کي قتل ڪيو ويو. پنجاب سي ٽي ڊي اهلڪارن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو ويو ان وقت وزيراعظم ۽ پنجاب جو وڏو وزير ڪير هو. ان وقت صدر جون اکيون ڇو بند هيون. هن انساني حقن جي ڳالهه ان وقت ڇو نه ڪئي؟ صوبائي وزير اطلاعات مطالبو ڪيو ته اعليٰ سطحي ڪميشن جوڙي وڃي ته ملڪ خلاف عمران خان جي مشن ۽ ڪير سهولت ڪار آهي ۽ انهن جي غيرقانوني ۽ غير آئيني ڪمن کي جاچ ڪميشن تحت ڏٺو وڃي. هن چيو ته عمران خان ڪنهن شخص يا ڪنهن سياسي پارٽي خلاف نه پر ملڪ خلاف خطرناڪ سازشون ڪري رهيو آهي.

اسان کي هن ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ متحد ٿيڻو پوندو هن چيو ته پرڏيهي سازشن ۾ اندروني ماڻهو استعمال ڪيا پيا وڃن. عمران خان يهودي لابي جي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيو آهي. اها لارجر گيم آهي، ان جي جاچ ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته مرحوم ارشد شريف به پنهنجي پروگرام ۾ عمران خان جي پرڏيهي فنڊنگ تي سوال اٿاريا ۽ پنهنجي پروگرام ۾ پي ٽي آءِ کي ڀارت ۽ اسرائيل کان مليل فنڊنگ جا ثبوت ڏيکاريا هئا. هن چيو ته اهي سڀ ڳالهيون هڪٻئي سان جڙيل آهن. عوام کي سوچڻ گهرجي ته اسان جي لاءِ سڀ ڪجهه اسان جو ملڪ آهي. هن چيو ته عمران خان جو چهرو عوام جي سامهون اچي چڪو آهي. آءِ سمجهان ٿو ته هي پهريان ئي نااهل ٿي چڪو آهي. هن چيو ته هو قانون جي شاگردن کي چئلينج ڪري ٿو ته ڇا ڌيءَ کي لڪائڻ نااهلي ناهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي هڪ اڳواڻ کي ان بنياد تي نااهل ڪيو ويو ته ان پنهنجي نامزدگي ڪاغذن ۾ پنهنجي خاندان جي ماڻهن جو نالا ظاهر نه ڪيا هئا. هن چيو ته مرحوم ارشد شريف به پنهنجي پروگرام ۾ عمران خان جي فارين فنڊنگ تي سوال اٿاريا ۽ پي ٽي آءِ کي ڀارت ۽ اسرائيل کان مليل فنڊنگ جا ثبوت پنهنجي پروگرام ۾ ڏيکاريا. هن چيو ته اهي سڀ ڳالهيون هڪٻئي سان جڙيل آهن ماڻهن کي سوچڻ گهرجي ته اسان جي لاءِ سڀ ڪجهه اسان جو ملڪ آهي. هن چيو ته هو ڏسي زلمي خليل زاد ۽ ٻين جي پاڪستان خلاف بيانن جي سخت مذمت ڪريون ٿا. ان معاملي تي پرڏيهي وزارت مناسب جواب ڏنو آهي. هن چيو ته ٻلي ٿيلهي مان ٻاهر نڪري آئي آهي. پرڏيهي قوتون مداخلت ڪري رهيون آهن. هن چيو ته عمران خان جو چهرو عوام آڏو ظاهر ٿي ويو آهي. مان سمجهان ٿو ته هو اڳ ئي نااهل ٿي چڪو آهي. هن چيو ته عمران خان پنهنجي ڌيءَ کي مڃڻ کان انڪاري آهي . هن چيو ته هو قانون جي شاگردن کي چئلينج ڪري ٿو ته ڇا ڌيءَ کي لڪائڻ نااهلي ناهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي هڪ اڳواڻ کي ان بنياد تي نااهل ڪيو ويو ته هن پنهنجي نامزدگي ڪاغذن ۾ پنهنجي خاندان جي ڀاتي جو نالو ظاهر نه ڪيو هو. هن چيو ته رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪابينا اهم فيصلا ڪيا هئا . جنهن تحت صوبي جي مختلف شهرن ۾ 135 سستيون بازارون لڳايون وينديون آهن. هن چيو ته 78 لک خاندانن کي اٽي جي خريداري تي سبسڊي ڏني پئي وڃي، جنهن تي 15.6 ارب رپيا خرچ ٿي رهيا آهن. هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزير سمورن ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي ته هو ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪن. هن چيو ته ضلعي انتظاميا جي آفيسرن سميت فوڊ انسپيڪٽرن ۽ سپلاءِ اينڊ پرائسز کاتي جا آفيسر شين جي اگهن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ فعال آهن. هن چيو ته اٽي تي ٽارگيٽ سبسڊي ڏني پئي وڃي. بي آءِ ايس پي ۽ لاڳاپيل بئنڪ ان تي ڪم ڪري رهي آهي. هن وقت تائين 23 لک ماڻهن جي ڊيٽا اچي چڪي آهي. مجموعي طور تي 78 لک خاندانن کي اٽي جي خريداري جي مد ۾ رقم ڏني پئي وڃي اهو عمل جلد شروع ٿيندو.

بقايا *** 05

موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته عوام جي خدمت منهنجو مشن آهي. اٽي جي فراهمي کي پاڻ چيڪ ڪري رهيو آهيان. پنجاب جو وڏو وزير ۽ سندس ٽيم سٺو ڪم ڪري رهي آهي. اها خدمت ۽ عبادت آهي. وزيراعظم وڌيڪ چيو ته عوام جي دعائن سان ملڪ معاشي پريشانين مان نڪري اڳيان وڌنداسين. مهانگائي کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون. ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو رمضان ۾ عوام کي مفت اٽو ڏنو پيو وڃي. هر خاندان کي 10 ڪلو جا 3 ٿيلها ڏنا پيا وڃن. وزيراعظم هدايت ڏيندي چيو ته قطارون ختم ڪري عوام کي وڌيڪ تعداد ۾ اٽو فراهم ڪيو وڃي. دوري دوران وفاقي وزير مريم اورنگزيب ۽ وزيراعظم سان گڏ هئي.

بقايا *** 06

ڇڏيا آهن. رپورٽ موجب تحريڪ انصاف پاران پارليامينٽ ميمبرن، اڳواڻن ۽ سياسي ڪارڪنن تي تشدد جي معاملي کي عالمي سطح تي اٿارڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ تحريڪ انصاف جي تحت اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد قيصر سڄي دنيا جي پارليامانن ۽ انساني حقن جي تنظيمن ڏانهن خط اماڻي ڇڏيا آهن. تحريڪ انصاف طرفان اسد قيصر آمريڪي ايوان نمائندگان، هائوس آف لارڊز، يورپي يونين، آءِ پي يو، سي پي اي ۽ انساني حقن جي تنظيمن ڏانهن خط لکيا ويا آهن جنهن ۾ انهن کان پارليامينٽ ميمبرن ۽ ڪارڪنن تي حڪومت طرفان تشدد جو نوٽيس وٺڻ ۽ حڪومتي قدمن خلاف ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. خط ۾ اسد قيصر چيو آهي ته اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر طور تي مان پاڪستان ۾ انساني حقن جون ڀڃڪڙيون سامهون آڻڻ چاهيان ٿو. پاڪستان تحريڪ انصاف ملڪ جي مشهور سياسي پارٽي آهي. سياسي هارس ٽريڊنگ کان پوءِ پي ٽي آءِ فريش مينڊيٽ جو فيصلو ڪيو ۽ ايوان مان استعفائون ڏنيون. خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب ۾ نگران حڪومتون سياسي ڪارڪنن جو آواز دٻائڻ لاءِ انساني حقن جون ڀڃڪڙيون ڪيون آهن. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي سياست مان ڪڍڻ لاءِ ڪوڙا فوجداري ڪيس داخل ڪيا ويا. عمران خان تي قاتلاڻي حملي ۾ 11 گوليون هڻيون ويون ۽ 127 ڪيس داخل ڪيا ويا.

بقايا *** 07

ڪندڙ ادارن مينار پاڪستان جلسي بابت ٿريٽ الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي الرٽ ۾ چيو ويو آهي ته پابندي مڙهيل تنظيم مينار پاڪستان جلسي کي نشانو بڻائي سگهي ٿي. پابندي مڙهيل تنظيم سياسي ريلين ۽ زمان پارڪ کي نشانو بڻائي سگهي ٿي. ٿريٽ الرٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته صورتحال کي ڌيان ۾ رکندي پي ٽي آءِ قيادت ۽ اجتماعن جي سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي. اختيارين طرفان سيڪيورٽي خدشن جي ٻاري ۾ پوليس، سي ٽي ڊي ۽ ٻين ادارن کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته دهشتگردي جي خطرن کي نظر ۾ رکندي سيڪيورٽي انتظام ڪيا پيا وڃن. ٻئي طرف پي ٽي آءِ جلسي جي حوالي سان لاهور جي شاهدره کان ايم اي او ڪاليج تائين سڀائي صبح تائين ميٽرو بس سروس معطل ڪئي وئي آهي. ميٽرو بس سروس بند هجڻ سان مسافرن کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پوندو. انتظاميه موجب اڄ رات کان سڀائي صبح تائين شاهدره کان ايم اي او ڪاليج تائين ميٽرو بس سروس بند رهندي.

بقايا *** 08

قتل جي سازش جو هڪ نئون بيان ناهي رهيو آهي. سائفر جو بهانو بڻائي 7 کان 8 مهينن تائين آمريڪا تي الزام لڳائي رهيو آهي هاڻ وري هو آمريڪا کان مدد گهري رهيو آهي. عمران خان لابنگ فرم جون خدمتون حاصل ڪري رهيو آهي. هن چيو ته عمران خان جا ڪجهه پوٽلڳ آهن. پوليس عمران خان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ وئي ته انهن مٿان حملو ڪيو ويو. عمران خان جڏهن ڪي وٺي عدالت پهچندو آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪنهن سياستدان اهڙو غيرقانوني قدم ناهي کنيو خواجه آصف زلمي خليل زاد جي پيغام ڏيندي چيو ته 2 لک افغاني آمريڪا وڃڻ لاءِ پاڪستان آيا. هڙتالن تائين آتي ئي آهن. زلمي خليل زاد ان افغانين کي پاڪستان کان آمريڪا وٺي وڃڻ جون ڳالهيون ڇو نٿو ڪري؟

بقايا *** 09

روس يوم پاڪستان حوالي سان پاڪستان جي عوام کي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته اسلام آباد ماسڪو جو اهم پرڏيهي پاليسي پارٽنر آهي ۽ دوستاڻا لاڳاپن کي سفارتي ڪم تمام گهڻو ٿيو آهي. روسي پرڏيهي وزير جي ترجمان ماريا زاخاروا بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستان ۽ روس وچ ۾ تعميري سياسي ڳالهيون ٿي رهيون آهن. جڏهن ته ماسڪو ۽ اسلام آباد عالمي ۽ علائقائي ايجنڊا سان گڏ اهم مسئلن تي ويجهو موقف رکن ٿا. اسان واپاري ۽ اقتصادي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ تيار آهيون. افغان ريگوليشن ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ نتيجو ڏيندڙ تعاون جاري آهي ۽ گڏيل توانائي جي منصوبن تي تيزي سان عمل ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهيون.

بقايا *** 10

اڄ مينار پاڪستان تي ٿيندڙ جلسي جي حوالي سان پنهنجي بيان ۾ راڻا ثناءُالله چيو ته پهريان آمريڪي لابسٽ فرمن مان نه حقيقي آزادي حاصل ڪري وٺي عمران خان طرفان آمريڪا کان نئون ڇڄان کان وٺي منهنجي حياتي کي خطرو آهي جو ڪوڙ ڳالهايو ويو. گهرو وزير چيو ته عمران خان آئين، قانون ۽ سچائي کان حقيقي آزادي چاهي ٿو. عمران نيازي توشه خاني، پرڏيهي فنڊنگ، ٽيريان نيازي ڪيسز کان حقيقي آزادي چاهي ٿو. راڻا ثناءُالله وڌيڪ چيو ته عمران خان هر اداري ۽ ان جي سربراهه کي پنهنجو غلام بڻائڻ جي حقيقي آزادي چاهي ٿو. سندس حقيقي آزادي جا منظر ڊي چوڪ تي سموري قوم ڏسي چڪي آهي. راڻا ثناءُالله چيو ته هي هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ ۾ گرمارچي حقيقي آزادي چاهين ٿا. عمران نيازي جو آمريڪا سان صرف ٻاهران جهيڙو آهي. اندر ۾ هي ٻاڻ ۾ پاٿر آهن. ملڪ جو غدار مينار پاڪستان جهڙي پاڪ جڳهه کي ڪوڙ ڳالهائڻ جي لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. پاڪستان خلاف ڪم ڪندڙ ايجنٽ کي مينار پاڪستان تي جلسي جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي.

بقايا *** 11

ٻه درخواستگذارن ۾ شامل آهن. آئيني درخواست ۾ وفاق، پنجاب، ڪي پي ڪي، پارليامينٽ معاملن واري وزارت، قانوني وزارت ۽ ڪابينه کي ڌر بڻايو ويو آهي. تحريڪ انصاف طرفان داخل ڪيل درخواست ۾ اليڪشن ڪميشن جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪندي موقف اختيار ڪيو ويو ته اليڪشن ڪميشن آئيني مينڊيٽ ۽ عدالتي فيصلي کان انڪار ڪيو. اليڪشن ڪميشن جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. اليڪشن ڪميشن کي شيڊول موجب 30 اپريل تي چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏنو وڃي.

بقايا *** 12

توهين عدالت ڪيس ۾ گرفتار ٿي سگهي ٿو شيخ رشيد چيو ته پي ٽي آءِ ڪارڪن کي گهرن مان گرفتار ڪيو پيو وڃي. مينار پاڪستان ڏانهن ويندڙ رستا بند ڪيا پيا وڃن. شيخ رشيد چيو ته (ن) ليگ وارا چوندا ها ته اسيمبليون ٽوڙي ڏيکاريو، هاڻي چون ٿا ته آڪٽوبر جي به ضمانت ناهي. شيخ رشيد وڌيڪ چيو ته هن وقت شڪست هنن جو مقدر بڻجي چڪي آهي. مهانگائي سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. سياسي پارٽين جو جنازو ڌوم ڌام سان نڪرندو. اڳوڻي گهرو وزير چيو ته سموري دنيا اسان کي ڏسي رهي آهي، جڏهن ته اسان 10 ڪلو اٽي جي فراهمي واري مشهوري ۾ لڳل آهيون. آءِ ايم ايف اڃان تائين حڪومت کي يقين ناهي ڏياريو. شيخ رشيد چيو ته ملڪ معاشي تباهي طرف وڌي رهيو آهي. 90 ڏينهن ۾ نگران حڪومت جو ٽائمفريم ختم ٿي ويندي. حڪومت مختلف ادارن کان سروي ڪرائي. عمران خان جي سياسي مشهوري چونڊن جي التوا جو سبب بڻجي وئي. جيڪي 30 اپريل تي چونڊون نه ڪرائي سگهيا هاڻ 8 آڪٽوبر تي به نه ڪرائيندا.

بقايا *** 13

واقعو پوڪران ۾ فوجي فيلڊ فائرنگ پريڪٽس دوران پيش آيو. ڀارتي فوجي اختيارين جي دعويٰ آهي ته ميزائل جهاز ۾ لڳل هو پر مليو ٿئين مان هٽ آيو. واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو جڏهن ته جاچ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

بقايا *** 14

وڏيون تبديليون اچڻ وارون آهن. ملڪ ۾ ايمرجنسي به لڳي سگهي ٿي. نگران سيٽ اپ يا ڪجهه وقت لاءِ نيوٽرل حڪومت به اچي سگهي ٿي. منظور وساڻ پنهنجي بيان ۾ چيو ته پيپلز پارٽي ملڪ ۾ چونڊون ڪرائڻ چاهي ٿي پر صورتحال ٻڌائي رهي آهي ته چونڊون وقت تي نه ٿينديون. ٿي سگهي ٿو ته آڪٽوبر ۾ به چونڊون نه ٿي سگهن. هن چيو ته هاڻ عمران خان جي گرفتاري جو ڪا معني نٿي رکي. هاڻ معاملوان کان ٻه اڳتي نڪري ويو آهي. ملڪ ۾ گهڻو ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. وفاقي حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. ملڪ ۾ ڪجهه به ٿي سگهي ٿو. منظور وساڻ ملڪ جي خيرخواهي ڪندي چيو ته جيڪڏهن سياستدان دانشمندي سان فيصلا نه ڪيا ته اهڙا ماڻهون جيلن ۾ ويندا جيڪي اڳ ڪڏهن به نه ويا هوندا. پر سياستدان جيلن ۾ ويندا رهندا آهن. منظور وساڻ اڳڪٿي ڪئي ته عمران خان کي وزيراعظم بڻجڻ يا اقتدار ۾ ايندي نه پيو ڏسان. ن ليگ جي ڀيٽ ۾ پيپلز پارٽي جا اقتدار ۾ اچڻ جا وڌيڪ چانس آهن. هن سال مختلف سياسي پارٽين ۾ گروپ بندي به شروع ٿي.

بقايا *** 15

سلينڊر 1200 رپيا مهانگو ڪيو ويو آهي. مهانگائي سبب پريشان شهرين جي ڏکائين ۾ وڌيڪ واڌ اچي وئي آهي. رپورٽ موجب شهر ۾ اوائلي ڪلو سلينڊر 1300 رپين کان 1900 جڏهن ته پنج ڪلو سلينڊر جي قيمت 1600 کان 2800 رپين تائين پهچي وئي آهي. ايل پي جي جي اگهه ۾ 240 رپيا واڌ مهانگائي ستيل شهرين جي اهنج ويتر وڌائي ڇڏيا آهن. دڪاندار چون ٿا ته پيٽرول، ڊالر ۽ ڪچي تيل جي اگهن ۾ واڌ سبب سلينڊر مهانگا ٿيا آهن.

بقايا *** 16

6 وڳي اٽو وٺڻ لاءِ يوسي آفيس ۾ موجود هو. هن قطار ۾ ويهي اٽو ورتو ۽ پوءِ ڪري پيو ريسڪيو ذريعن موجب الاهي بخش جي طبيعت جي خرابي جو اطلاع مليو ته ڪو به امداد لاءِ پهچي تائين هو دم ٽوڙي چڪو هو. ڊپٽي ڪمشنر واقعي جي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا *** 17

جي تڪرار تان پٽ سائين سان گڏجي ماءُ، ڀائرن ۽ ڀاڄائي سميت 7 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو. پوليس موجب جوابدار سحري وقت ڀاءُ جي گهر ۾ داخل ٿي فائرنگ ڪندي ماءُ، ڀاڄائي ۽ ان جي ٽن 3 ٻارن کي قتل ڪري ڇڏيو. فائرنگ سبب ڪل 7 سالن جي ٻارڙي سخت زخمي ٿي وئي آهي. جوابدارن 2 ڀائرن کي ٻني ۾ فائرنگ ڪري قتل ڪيو. قتل ٿيندڙن ۾ ماءُ، ڀاءُ، شيرباز، افتخار، سندس گهر واري، 2 پٽ ۽ ڌيئرون شامل آهن. قتل جي اهڙي ڪارروائي جي اطلاع ملندي ئي پوليس جي وڏي نفري ۽ فرانزڪ ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون. پوليس طرفان زخمي ٻارڙي کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جي ٻارڙي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي. پوليس مقتولين جي لاشن کي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته جوابدارن خلاف به ڪارروائي جي شروعات ٿي چڪي آهي. آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور ملڪيت جي تڪرار تان هڪ ئي خاندان جي ستن ڄڻن جي قتل واري واقعي جو نوٽيس وٺندي آر پي او ساهيوال کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. آءِ جي پنجاب ڊي پي او پاڪپتن کي قاتلن جي جلد گرفتاري لاءِ اسپيشل ٽيم جوڙڻ جو به حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. آءِ جي پنجاب چيو آهي ته وحشي جوابدار ۽ سندس ساٿين کي فوري طور تي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ پيش ڪري سزا ڏياري ويندي ۽ مقتولن جي وارثن کي انصاف جي فراهمي يقيني بڻائي ويندي.

بقايا *** 18

علائقي ۾ گهرجي ڇت ڪرڻ سبب 2 ٻارڙا ڏٻجي فوت ٿي ويا. پنجاب جي ڄاڙن شهرن سميت مختلف علائقن ۾ ڪنون ماران کان شروع ٿيندڙ برسات جو سلسلو صبح تائين جاري رهيو. لاهور، شيخو پوره، چڪوال، تله گنگ، سميت مختلف علائقن ۾ تيز برسات جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته ڪنهن ڪنهن هنڌن تي ڳڙو پڻ پيو آهي. برسات سبب مختلف شهرن ۾ لوڊشيڊنگ جو سلسلو به جاري رهيو جنهن سبب شهرين کي سحري دوران پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو. شيخوپوره سميت مختلف شهرن ۾ برسات سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. ڀمبر، آزاد ڪشمير ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ به تيز برسات پئي. ان دوران بجلي جي اڪيوٽ جو سلسلو جاري رهيو نيلم وادي، ان مقام ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ برسات پئي جڏهن ته جابلو علائقن ۾ برفباري جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري رهيو لوات بالا، شارده، ڪيل گريس، ويلي ۾ ڪنوڻ سان برسات پئي. تيز برسات سبب نيلم درياهه ۽ ندي نالن ۾ پاڻي وهڪرن ۾ تيزي اچي وئي آهي. ڊيزاسٽرمينيجمينٽ اٿارٽي خبردار ڪيو آهي ته لينڊسلائيڊنگ جو امڪان آهي. ان لاءِ سياح ۽ شهري احتياطي تدبيرن تي عمل ڪن. خيبرپختونخواهه جي به مختلف علائقن ۾ رات کان وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهيو ڪاڏي تخت ڀائي ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ تيز برسات سبب ڪمري جي ڇت ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ ملبي هيٺان دٻجي 2 ٻارڙا فوت ٿي ويا. جڏهن ته گهر ڌڻي ۽ سندس گهر واري زخمي ٿي پيا.

بقايا *** 19

ٿاڻي ۾ 3 ڪيس داخل ٿيل آهن جن ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪن ظلِ شاهه جي موت، ڀڃ ڊاهه، باهيون ۽ سرڪاري ڪمن ۾ مداخلت جا ڪيس آهن جن ۾ دهشتگردي ۽ قتل جي ڌارائن شامل آهن. عمران خان جي انهن ڪيسن مان هاءِ ڪورٽ حفاظتي ضمانت منظور ڪئي هئي ۽ ڪيس لاڳاپيل عدالت سان رابطو ڪرڻ جي لاءِ چيو ويو هو عمران خان عبوري ضمانت جي لاءِ لاهور جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ بهتر جڳهه سندس طرفان داخل ڪيل درخواست تي ٻڌڌڻي ٿي هئي جنهن ۾ پوليس کان گرفتاري تي روڪ لاءِ جاچ جو ڪم هو ان ۾ جاچ ۽ شامل ٿين ٿا پر پوليس طرفان گرفتار ڪرڻ جو امڪان آهي. عدالت ٽنهي ڪيسن ۾ عبوري ضمانت منظور ڪندي پوليس کي گرفتار ڪرڻ کان روڪي، جنهن کان پوءِ دهشتگردي جي انت واري عدالت عمران خان جي ٽنهي ڪيسن ۾ 4 اپريل تائين عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي. ان کان اڳ عمران خان دهشتگردي جي انت واري عدالت ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته حڪومت پوري ملڪ کي ڪنٽينرز لڳائي والاربل ڪشمير بڻائي ڇڏيو آهي. قوم سمورين رنڊڪن توڙي جلسي ۾ پهچندي ان جلسي ۾ آئنده جي لائحه عمل جو اعلان ڪندس. حڪومت جلسو ناڪام بڻائڻ لاءِ اسان جي 1600 ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ملڪ جي حالت اها آهي جو ماڻهو اٽو خريد ڪرڻ لاءِ لائين ۾ لڳل آهن. هن وڌيڪ چيو ته جيڪو جنرلن جو ظلم ڪري رهيا آهن اهڙا ماڻهو ٻاهر نڪرندا، عوام ڪٿ سبب ٻاهر رهي آهي حڪومت کي ان جي پرواهه ناهي.

بقايا *** 20

۽ عهديدارن جي گهرن تي پوليس جا ڇاپا جاري آهن. پوليس ذريعن موجب راولپنڊي ۾ پي ٽي آءِ جي مرڪزي اڳواڻ عامر ڪياني، غلام سرور خان، راجه بشارت، سٽي صدرميان عمران حيات، سٽي سيڪريٽري اطلاعات راجه عثمان ۽ ٻين جي گرفتاري لاءِ رات دير سان ڇاپا هنيا ويا پر ڪا به ڪاميابي حاصل نه ٿي سگهي. پوليس رحيم يار خان جي مختلف علائقن مان پي ٽي آءِ جي 50 کان وڌيڪ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ملتان ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ جاويد انصاري جي پٽ سميت 26 ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. تحريڪ انصاف جو چوڻ آهي ته لودهران ۽ ڀکر مان به اسان جي ڪيترن ئي ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ جا سمورا اڳواڻ گرفتارين کان بچڻ لاءِ روپوش ٿي چڪا آهن هڪ هفتي جي اندر پوليس ڪريڪ ڊائون ۾ 23 ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جن کي بعد ۾ عدالتن مان رهائي ملي چڪي آهي.

بقايا *** 21

ريماند تي ڪوئٽه پوليس حوالي ڪيو ويو جتان پوليس طرفان ڪيس اسلام آباد کان ڪوئٽه آندو ويو. ڪوئٽه پوليس سخت سيڪيورٽي ۾ حسان نيازي کي جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ان موقعي تي ميڊيا جي ماڻهن کي عدالت ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏني وئي. جوڊيشل مئجسٽريٽ حسان نيازي جي هڪ لک رپين جي ضمانتي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪري ورتي جنهن کان پوءِ پوليس حسان نيازي کي سخت سيڪيورٽي ۾ وٺي روانو ٿي وئي. ياد رهي ته 20 مارچ تي اسلام آباد پوليس حسان نيازي کي جوڊيشل ڪمپليڪس ٻاهران پوليس ناڪي تي مزاحمت ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو هو.

بقايا *** 22

مارڪيٽ ۾ به ڪنٽينرز لڳايا ويا آهن ان کان علاوه سگيان پل، انجنيئرنگ يونيورسٽي روڊ جا رستا بند ڪيا آهن شاهدره، راوي ٽول پلازه، ٻتي چوڪ کان مينار پاڪستان ڏانهن ويندڙ رستن کي ڪنٽينر لڳائي بند ڪيو ويو آهي جڏهن ته نيازي چوڪ دهلي، دروازو ۽ دروموري ٻل کي به بند ڪيو ويو آهي. انچارج ميٽرو بس موجب جلسي سبب ميٽرو بس جو روٽ مختصر ڪيو ويو آهي ۽ ميٽرو بس گجومتا کان ايم اي او ڪاليج تائين هلايون پيون وڃن. ياد رهي ته ضلعي انتظاميه پي ٽي آءِ کي اڄ رات مينار پاڪستان تي جلسي جي اجازت ڏني آهي.

بقايا *** 23

اگهه تي وڪرو کي يقيني بڻائڻ لاءِ اٿارٽي جي اسپيشل ٽيمون فعال آهن ان سلسلي ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم مومن آباد اورنگي ٽائون ۾ ڪارروائي ڪئي. ٽيم جي سربراهي ڊپٽي ڊائريڪٽر بشير خان ڪئي. ٽيم سان لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر گڏ هئا. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم صفائي جي ناقص انتظامن ۽ غير معياري کاڌي پيتي جي شين جو وڪرو ڪندڙن تي ڪيترن ئي دڪاندارن تي ڏنڊ پڻ لڳايو. ٽيم کاڌي پيتي جي شين جي معيار ۽ زندگي جي ضروري شين جا سرڪاري اگهه پڻ چيڪ ڪيا. ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر سنڌ فوڊ اٿارٽي محمد بشير خان چيو ته رمضان المبارڪ دوران کاڌي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. خوراڪ کاتي واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر جي هدايت تي کاڌي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ ڪندڙن خلاف خاص مهم جاري آهي. ان موقعي تي کاڌي پيتي جي شين جي معيار کي جانچڻ لاءِ موبائيل ٽيسٽنگ ليب پڻ ٽيم سان گڏ هئي.

بقايا *** 24

ڪيو هن چيو ته اطلاعات کاتي ۾ انفارميشن ڪال سينٽر قائم ڪيو ويندو ۽ سنڌ حڪومت جي سمورن کاتن کي انفارميشن ڪال سينٽر سان ڳنڍيو ويندو جيئن سنڌ حڪومت جي پاليسين ۽ عوامي فلاح جي منصوبن بابت بروقت ۽ صحيح اطلاعات فراهم ڪري سگهجي، ان سان گڏ فيڪ نيوز ۽ حڪومت خلاف جعلي پروپيگنڊا جو مؤثر نموني جواب ڏئي سگهجي. صوبائي وزير، اطلاعات کاتي واري سيڪريٽري کي انفارميشن ڪال سينٽر لاءِ PC_1 جلد تيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ اطلاعات کاتي جي ڪارڪردگي جو به جائزو ورتو ويو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته کاتي جي ڪارڪردگي کي بهتر ڪرڻ بابت ٻڌايو وڃي. سنڌ حڪومت جي ترقياتي منصوبن جي مناسب پبلسٽي کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته سنڌ حڪومت هر شعبي ۾ بهترين ڪم ڪيو آهي. اها اطلاعات کاتي جي ذميواري آهي ته ان بابت عوام کي آگاهي فراهم ڪري. شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي ته هن پاليسي گائيڊ لائين ڏئي ڇڏيون آهن. ڪيس ان جي مونٽ ۾ نتيجا گهرجن. هن چيو ته سوشل ميڊيا ونگ تي ڌيان ڏنو وڃي ۽ ان جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي. اجلاس ۾ سيڪريٽري اطلاعات نديم الرحمان ميمڻ، ڊائريڪٽر ايڊمن محمد يوسف ڪابورو، ڊائريڪٽر پبليڪيشن منصور راجپوت، ڊائريڪٽر ايڊورٽائزمينٽ امتياز جروپر، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊورٽائزمينٽ سارنگ چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا *** 25

اسپتال انتظاميا ٻڌايو ته فائر برگيڊ عملي سان گڏجي باهه تي ضابطو آندو ويو گيس جي ڊائريڪٽر جو چوڻ هو ته باهه اسٽور روم ۾ شارٽ سرڪٽ سبب لڳي.

بقايا *** 26

نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ ڪابينه جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ پنجاب ۾ مفت اٽي جي فراهمي ۽ مفت اٽي جي رجسٽريشن جو عمل آسان بڻائڻ بابت مختلف تجويزن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ نگران صوبائي وزيرن ۽ ٻين اختيارين تي ٻڌل ڪميٽي قائم ڪئي وئي جيڪا رجسٽريشن تي سفارشون پيش ڪندي. ڪابينه کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته هينئر تائين تقريبن 70 لک کان وڌيڪ اٽي جا ٿيلها ورهايا ويا آهن جنهن تي ڪابينه مفت اٽي جي فراهمي واري عمل تي اطمينان جو اظهار به ڪيو اجلاس ۾ بريفنگ دوران وڌيڪ ٻڌايو ويو ته عام واهپي وارين شين جي مقرر اگهن تي دستيابي يقيني بڻائڻ لاءِ چيڪنگ جي هدايت به ڪئي وئي آهي. ڪابينه صوبي ۾ 29 مارچ کان في خاندان کي هڪ ئي وقت 20 ڪلو اٽي جي فراهمي جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي.

بقايا *** 27

پنهنجي مالي حيثيت موجب فطرو ۽ فديو ادا ڪن. مفتي منيب الرحمان موجب ڪڻڪ کان گهٽ فطري جي مقدار ٻه ڪلو ڪڻڪ واري اٽي جي برابر هوندي، جيڪي 320 رپيا ٿين ٿا. جَوَ جي حساب سان فطرو ۽ فديو چار ڪلو هوندو جنهن جي مقدار 480 رپيا هوندي، کارڪ تي صدقه فطر چار ڪلو هوندو ۽ هڪ روزي جو فطرو 2800 رپيا هوندو پهرئين درجي جي ڪشمش جي حساب سان چار ڪلو فطرو ۽ هڪ روزي جو فطرو 6 هزار 400 رپيا هوندو. ٻئي درجي جي ڪشمش تي 4 ڪلو فطرو ۽ هڪ روزي جو فديو 4 هزار 800 رپيا هوندو.

بقايا *** 28

ماڻهن کي هنگامي انساني مدد سان پهچائي چڪي آهي. رپورٽ موجب جيئن ته 2022 کان پوءِ جي ٻوڏ جي بحاليءَ جو سلسلو جاري آهي. ريسڪيو ڪميٽي ملٽي سيڪٽرل (گهڻ رخي) بحالي پروگرامن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏئي رهي آهي جيڪي ٻوڏ متاثر برادرين جي ڊگهي مدي جي ضرورتن کي پورا ڪن. IRC اڳڪٿي ڪئي آهي ته غذائيت ۽ خوراڪ، صحت، هائوسنگ، تعليم ۽ صفائيءَ ۾ بحاليءَ ۾ اهم خالن کي جيڪڏهن نظر ۾ نه رکيو ويو ته ٻوڏ متاثر علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ خاص طور تي ۽ سڄي پاڪستان لاءِ خوفناڪ ڊگها مدي وارا نتيجا نڪرندا. آءِ آر سي طرفان جاري ڪيل بيان ۾ ڪنٽري ڊائريڪٽر شبنم بلوچ چيو ته پاڪستان ۾ ٻوڏ جون آفتون ڪا نئين ڳالهه نه آهن پر 2022 ع ۾ موسمياتي تبديليءَ جي آفتن جو جيڪو انداز اسان ڏٺو آهي اهو بي مثال آهي. شبنم بلوچ چيو ته ٻوڏ جي ست مهينا گذري وڃڻ باوجود لکين ماڻهو جن ۾ عورتون، مرد ۽ ٻار به شامل آهن بکيا ۽ بي گهر آهن. هن چيو ته صحت، تعليم، سماجي تحفظ جون خدمتون متاثر ٿيل اڪثر علائقن ۾ مسلسل رنڊڪن جو شڪار آهن، لکين ماڻهن جي زندگين، معيشت کي وڌيڪ خطرو آهي. شبنم بلوچ چيو ته پاڪستان ۾ فلڊ ريسپانس پلان جي هر شعبي لاءِ فنڊ هن وقت گهٽ آهن. فيبروري 2023 تائين، ملڪ جي ڏکڻ (سنڌ) ڪيترن ئي ضلعن مان ٻوڏ جو پاڻي گهٽ ته ٿيو آهي، جڏهن ته پاڪستان جي ڪجهه حصن ۾ ماڻهو پنهنجن آبائي علائقن ڏانهن واپس ويا آهن. پر اهي حالتون جيڪي واپس اچي رهيا آهن اهي خوش آئند نه آهن. فيبروري 2023 تائين، پاڪستان کي مجموعي طور تي ٻوڏ جي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ 871 ملين ڊالرن جي عالمي امداد مان صرف 36 سيڪڙو مليا. 03

بقايا *** 29

کي انهن 23 ملڪن جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جيڪي پاڻي لاءِ انتهائي غير محفوظ آهن. گڏيل قومن جي يونيورسٽي طرفان شايع ٿيل 'گلوبل واٽر سڪيورٽي 2023' ع جي جائزي واري رپورٽ' ۾ چيو ويو آهي ته 3 جاگرافيائي خطن مان مجموعي طور 33 ملڪ پاڻي کان محفوظ آهن. جڏهن ته سمورن خطن ۾ اهڙا ملڪ موجود آهن. جتي پاڻي جي حفاظت تمام گهٽ آهي. رپورٽ سان گڏ جاري ڪيل پريس رليز موجب گڏيل قومن جي پاڻي ماهرن جي اڳواڻي ۾ تازي عالمي پاڻي جي جائزي مان معلوم ٿيو ته صاف پاڻي ۽ صفائي جي رسائي اڃا تائين دنيا جي اڌ کان وڌيڪ آبادي لاءِ خواب آهي. جڏهن ته 70 سيڪڙو کان وڌيڪ يا 5 ارب 50 ڪروڙ ماڻهن کي صاف پاڻي تائين رسائي حاصل ناهي، رپورٽ موجب صاف پاڻي تائين پهچ آفريڪا ۾ سڀ کان گهٽ آهي. جتي علائقي جي صرف 15 سيڪڙو آبادي کي اها پهچ آهي. گڏيل قومن جي نئين عالمي پاڻي جي حفاظتي جائزي ۾ پڌرو ڪيو ويو آهي ته دنيا ۾ چار مان ٽي ماڻهو هن وقت پاڻي جي غير محفوظ ملڪن ۾ رهن ٿا. ان جي مقابلي ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي، صفائي ۽ حفظان صحت تائين رسائي کان سواءِ پاڻي سان لاڳاپيل آفتن جي مقابلي ۾ صحت جي خدمتن جي کوٽ آهي.

بقايا *** 30

راولپنڊي جي عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ فياض الحسن چوهان جي ضمانت منظور ڪري ورتي. ايڊيشنل سيشن جج عرفان اڪرم فياض الحسن چوهان کي 50 هزار روپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي سندس ضمانت منظور ڪري ورتي. پنجاب جي اڳوڻي صوبائي وزير فياض الحسن چوهان سميت 200 جوابدارن خلاف راولپنڊي جي ٿاڻي نصيرآباد ۾ قلم 144 جي ڀڃڪڙي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ايف آءِ آر موجب جوابدارن عمران خان جي جوڊيشل ڪمپليڪس اسلام آباد ۾ پيشي جي موقعي تي قانون هٿ ۾ کنيو ۽ سرڪاري ڪم ۾ مداخلت به ڪئي هئي. عدالت ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي فياض الحسن چوهان چيو ته سموري پنجاب ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي گهرن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن. فياض الحسن چوهان دعويٰ ڪئي ته آئين ۽ قانون موجب اليڪشن ڪميشن کي ڪو به اختيار ناهي ته هو چونڊن جي تاريخ ڏئي. سپريم ڪورٽ کان مطالبو آهي ته اليڪشن ڪميشن تي آرٽيڪل 6 لاڳو ڪيو وڃي. سمورين پابندين جي باوجود پي ٽي آءِ اڄ لاهور ۾ جلسو ڪندي.

بقايا *** 31

وزير شرجيل ميمڻ موجب يلو لائن پراجيڪٽ تي به جلد ڪم شروع ٿي ويندو. ڪراچي جي عوام مقامي چونڊن ۾ پ پ کي وڏو مينڊيٽ ڏنو آهي. هن چيو ته شهرين جي اميدن تي پورو لهڻ پ پ جي ترجيح آهي. تنهن ڪري رمضان مهيني ۾ وڌيڪ نون روٽس تي پيپلز اليڪٽرڪ بس سروس هلائڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا *** 32

گهرجي ها، ناصر شاهه چيو ته عمران جديد انقلابي ليڊر آهي جيڪو بلٽ پروف ڪار ۾ اچي ٿو. بلٽ پروف برقعو پائي ٿو ۽ بنڪر ۾ سمهي ٿو پر غريبن جا مسئلا حل ڪندو ڪن اهو به چيو ته هن ملڪ ۾ اڳ به ڪيترائي مسخرا ٿي چڪا آهن

بقايا سنڌيار 01

ڳهارو جي حدن ۾ ڳهارو ۽ ڏاهيجي پوليس پاران ڌوهارين خلاف ڪامياب آپريشن ڪندي مختلف ڏوهن ۾ ملوث ڌوهارين جي هڪ گينگ کي برسٽ ڪيو ويو، آپريشن دوران ڪوسٽل هاءِ وي پنهور لڳ ڪارروائي ڪندي، ٽن جوابدارن آفتاب علي سجرو، شبير احمد جمالي ۽ منٺار ناريجو کي گرفتار ڪري ورتو شروعاتي جاچ دوران آفتاب علي سجرو _شبير جمالي ۽ منٺارناريجو وٽان ڏوهن ۾ استعمال ٿيل هڪ مزدا، 5 مينهون ۽ 2 پسٽول هٿ ڪيا ويا، جوابدارن ڪارچوري، ڍور چوري ۽ ٻين ڪيترن ئي ڏوهن ۾ اسلحي ايڪٽ تحت الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

بقايا سنڌيار 02

نوراحمد , حاڪم , گل محمد ۽ پائيتيا ,پيوجمن معشوق درگاهه ۽ ڳوٺ مان لڏائڻ لاءِ جاني دشمن بڻجي ويا آهن هنن منهنجو گهر جو رستو بند ڪري ڇڏيو آهي منهنجا سنا ٻچا خوف حراس ۾ بيمار ٿي ويا آهي آئون غريب مسڪين پورهيت آهيان جن خلاف منهنجو ڪيس هلندڙ آهي هو ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ رات جو منهنجي گهر مٿان حملا ڪرائي رهيا آهن مونکي ۽ منهنجي معصوم ٻارڙن کي حياتين جو خطرو بڻيل آهي ايس ايس پي ٽنڊومحمدخان سميت اعلي اختياريون انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪن

بقايا سنڌيار 03

عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان انصاف گهران ٿي مونکي تاريخ ڏئي گهر موٽايو وڃي ٿو اسان پنهنجي تياري سان ايندا آهيون پر جوابدارن جا وڪيل نه آيا،جنهن جي ڪري وري تاريخ ٿي آهي هن وڌيڪ چيو ته افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته سيني جي صلاح مشهوري سان اڄ جي تاريخ ورتي وئي هئي صرف هڪ وڪيل عمرو ادا ڪرڻ لاءِ چيو جنهن اهو ٻه چيو ته سنڌس جونيئر ڪيس جي پيروي ڪندو پر اهو ٻه نه آيو جنهن سان ظلم ٿئي ٿو انهن سان ته هر روز مذاق ٿئي پيو ٿو پر هي عدالتن سان ٻه مذاق آهي 5 سالن کان اسان اميد رکي عدالتن ۾ اچون ٿا، چيف جسٽس کي نوٽيس وٺڻ گهرجي مان پنهنجي والد، چاچي ۽ ڏاڏي جا جناز کنيا آهن مان صرف عدالتن مان انصاف ئي گهران ٿي اميد آهي ته مونکي انصاف ضرور ملندو

بقايا سنڌيار 04

مهوال ميٽلو ۽ رب رکيو سولنگي ۾ ٽينٽون لڳائڻ بعد پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ڪيو هن چيو ته جڏهن کان برساتون شروع ٿيون ۽ برسات جي ڪري سڄي سنڌ سان گڏ ضلعي نوشهروفيروز ۾ به وڏي تباهي ٿي ته اسان ميدان عمل ۾ رهيا آهيون ۽ غريبن کي راشن ٽينٽون ۽ ميڊيڪل ڪئمپون لڳائي رهيا آهيون ان ۾ سپ کان وڌيڪ تعاون مولانا يوسف حسيني ۽ سيد علي نقي ڪاظمي جن جو رهيو آهي جيڪي سڄي ضلعي ۾ مسڪين ماروئڙن جي مدد ڪري رهيا آهن

